Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | جمع 17 نومبر 2023 ع بمطابق 02 جماد الاول 1445هه | شمارو:37 | قيمت10 روپيا

درخواست ۾ وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، گورنر ڪي پي، اليڪشن ڪميشن، خيبريونين آف جرنلسٽس ۽ پشاور پريس ڪلب کي ڌر بڻايو ويو

پي ٽي آءِ عام چونڊون عدليه جي نگراني ۾ ڪرائڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

پي ٽي آءِ طرفان درخواست ترجمان معظم بٽ ايڊووڪيٽ داخل ڪئي، آرٽيڪل 218 ٽري تحت صاف شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊيون ڪرائڻ لازمي آهي : درخواست جو متن

ڪي پي جي گورنر ۽ نگران صوبائي حڪومت جي آئيني حيثيت پڻ تڪراري ٿي وئي جڏهن ته تحريڪ انصاف کي صوبي ۾ سياست جا هڪ جيترا موقعا نه پيا ڏنا وڃن

پي ٽي آءِ کي صوبي ۾ جلسا ۽ ڪنوشن ڪرڻ جي به اجازت ناهي ۽ پارٽي جي مرڪزي، صوبائي ۽ مقامي قيادت گرفتاريا ڪيسن کي منهن ڏئي رهي آهي

نگران حڪومت غير جانبدار ناهي رهي پر پي ٽي آءِ مخالف آهي، موجودا گورنر جي موجودگي ۾ شفاف چونڊن جو امڪان ناهي جڏهن ته اليڪشن ڪميشن به چونڊن جي اعلان ۾ غيرآئيني دير ڪئي

گورنر کي شفاف اليڪشن ڪرائڻ واري عمل ۾ مداخلت کان روڪيو وڃي، صوبي ۾ صاف ۽ شفاف چونڊون جڊيشل آفيسرن جي نگراني ۾ ڪرايون وڃن

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) خيبرپختونخوا ۾ عام چونڊون عدليه جي نگراني ۾ ڪرائڻ لاءِ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي. پي ٽي آءِ طرفان درخواست ترجمان معظم بٽ ايڊووڪيٽ داخل ڪئي، جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آرٽيڪل 218 ٽري تحت صاف شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊيون ڪرائڻ لازمي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ڪي پي جي گورنر ۽ نگران صوبائي حڪومت جي آئيني حيثيت پڻ تڪراري ٿي وئي جڏهن ته تحريڪ انصاف کي صوبي ۾ سياست جا هڪ جيترا موقعا نه پيا ڏنا وڃن. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ کي صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پيپلزپارٽي محروم طبقن جي پارٽي آهي هن پارٽي جو تعلق عوام سان 3 نسلن کان آهي: بلاول

صوبي جا سمورا مسئلا حل ڪري ڏيکارينداسين، موقعو مليو ته ايندڙ پنج سالن دوران پگهارون ٻيڻيون ڪنداسين، پ پ عوام جي خدمت ڪئي آهي: پ پ چيئرمين

ڪنهن کي ٻيو يا چوٿون وزيراعظم بڻائڻ بدران ان کي وزيراعظم بڻايو جنهن کي موقعو نه مليو آهي، ملڪ کي نئين سياست ۽ نئين قيادت جي ضرورت آهي

ٻيون پارٽيون پراڻي سياست ۾ لڳل آهن، هڪ نظريو ۽ منشور هجڻ گهرجي جيڪو پيپلزپارٽي وٽ آهي، اسان کي پراڻي سياست ۽ پراڻن سياستدانن کي گهر ويهارڻو پوندو

پيپلزپارٽي وٽ غربت جي خاتمي جو وسيع پلان آهي، اسان اهڙا منصوبا آڻينداسين جنهن سان هر طبقي کي فائدو پهچندو، خيبر پختونخواهه جو عوام اسان کي ووٽ ڏئي

عوام نفرت ۽ ورهاڱي واري سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي، مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب عوام پاڻ کي اڄ لاوارث سمجهي رهيو آهي، پيپلزپارٽي عوام جي وارثي ڪندي

عوام کي سڀ کان وڌيڪ روزگار اسان جي دور ۾ مليو، پ پ وٽ پلان آهي ته عوام کي ڪيئن رليف ڏياري سگهون ٿا: بلاول جو ايبٽ آباد ۾ ورڪرز ڪنوشن کي خطاب

ايبٽ آباد (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ٻيون پارٽيون پراڻي سياست ۾ لڳل آهن، هڪ نظريو ۽ منشور هجڻ گهرجي جيڪو پيپلزپارٽي وٽ آهي، اسان کي پراڻي سياست ۽ پراڻن سياستدانن کي گهر ويهارڻو پوندو. ايبٽ آباد ۾ ورڪرز ڪنوشن کي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪنهن کي ٻيو يا چوٿون وزيراعظم بڻائڻ بدران ان کي وزيراعظم بڻايو جنهن کي موقعو نه مليو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ايبٽ آباد: پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

وزيراعظم ۽ گهرو وزير سميت وفاقي وزيرن جي اثاثن جا تفصيل سامهون اچي ويا

وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ 4 ڪروڙ 81 لک 82 هزار 580 رپين جي اثاثن جو مالڪ آهي : ميڊيا رپورٽ

شمشاد اختر ڪراچي ڊي ايڇ اي فيز 6 ۾ 40 لک رپين جي گهر ۽ ڊي ايڇ اي ۾ 1 پلاٽ جي قيمت 25 هزار ظاهر ڪئي

نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي جي سامهون آيل اثاثن جي تفصيلن موجب هن وٽ ملتان ۾ 2 ڪينال جو گهر آهي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ، ناڻي واري وزير شمشاد اختر ۽ وفاقي گهرو وزير سينيٽر سرفراز بگٽي سميت ڪيترن ئي وفاقي وزيرن جي اثاثن جا تفصيل منظر عام تي اچي ويا آهن ميڊيا رپورٽس موجب وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ 4 ڪروڙ 81 لک 82 هزار 580 رپين جي اثاثن جو مالڪ آهي. هن وٽ 20 ايڪڙ وراثتي زرعي زمين به آهي جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: پ پ پارليمينٽيرينز جي صدر آصف علي زرداري سان ايم ڪيو ايم جو وفد ملاقات ڪندي

صدر جا فوج ۽ عمران خان جي لاڳاپن بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف

عدليا، انتظاميه ۽ سياسي اڳوان چونڊون وقت سر ڪرائڻ تي متفق آهن : صدر عارف علوي

اتفاق راءِ سان اليڪشن جي تاريخ تي سپريم ڪورٽ کي ساراهيان ٿو

نواز شريف وزيراعظم چونڊيو ويو حلف جون گهرجون پوريون ڪندس

اسلام آباد (رپورٽر) صدر ڊاڪٽر عارف علوي انڪشاف ڪندي چيو آهي ته فوج ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين وچ ۾ نباهه ۾ ناڪامي جا ڪيئي ڪارڻ هئا جڏهن ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي اليڪشن ۾ شموليت وارو فيصلو عدالت ۾ آهي، پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صدر ڊاڪٽر عارف علوي

پيٽرول جي قيمت ۾ 2 رپيا 4 پئسا في ليٽر گهٽتائي

ڊيزل قيمت ۾ ڇهه رپيا 47 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي

لائيٽ ڊيزل قيمت ۾ نو رپيا هڪ پئسو گهٽتائي ڪانپوءِ 180 رپيا 45 پئسا في ليٽر ٿي وي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي سرڪار پيٽروليم اسمن جي اگهن ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪري ڇڏيو. ناڻي وزارت جي نوٽيفڪيشن موجب پيٽرول جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

9 مئي ڪيس: اڳوڻي پي ٽي آءِ ايم اين اي سميت 23 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو

عدالت اڳوڻي ايم اين اي ساجد مهمند سميت سمورن 23 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏيو

جوابدارن 9 مئي تي ضلعي مهمند ۾ مين غلنئي روڊ کي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو هو : پوليس

پشاور (م ڊ) دهشتگردي جي انت واري عدالت 9 مئي ڀڃ ڊاهه واقعن ۾ ملوث پي ٽي آءِ جي اڳوڻي ايم اين اي سميت 23 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي آهي. اي ٽي سي جج جهانزيب شنواري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت اڳوڻي ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مريم اورنگزيب ۽ جاويد لطيف کي گرفتاري کان روڪڻ واري حڪم ۾ واڌ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري اڳوڻي وزير مريم اورنگزيب ۽ جاويد لطيف جي خلاف مختلف شهرن ۾ داخل ڪيل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي

پشاور ۾ مريم اورنگزيب ۽ پي ٽي وي ملازمن جي خلاف ڪيسن جي مدعي عدالت ۾ پيش ٿي وڌيڪ ڪارروائي نه ڪرڻ جو بيان ڏئي ڇڏيو

جاويد لطيف جي خلاف گرين ٽائون ٿاڻي لاهور جي ڪيس ۾ چالان جمع ڪرايو ويو آهي : جاچ آفيسر

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ داخل ڪيسن ۾ مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ مريم اورنگزيب ۽ جاويد لطيف کي گرفتاري کان روڪڻ جي حڪم ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مسلم ليگ(ن) اڳواڻ مريم اورنگزيب ۽ جاويد لطيف (فائيل فوٽو)

بشريٰ بي بي جو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس تي عدم اعتماد جو اظهار، ڪيسز منتقل ڪرڻ جي استدعا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق تي عدم اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. بشريٰ بي بي پي ٽي آءِ چيئرمين سان اڪيلائپ ۾ ملاقات جي درخواست ڪنهن ٻئي بينچ ۾ مقرر ڪرڻ جي استدعا ڪري ڇڏي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ٽي آءِ کي جلسي جي اجازت نه ڏيڻ تي آءِ جي ۽ ڊي سي کي نوٽيس جاري

ٻڌڻي جسٽس اعجاز انور ۽ جسٽس ايس ايم عتيق شاهه تي ٻڌل پشاور هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ ڪئي

عدالت آءِ جي پوليس خيبرپختونخواهه ۽ ڊپٽي ڪمشنر مانسهره کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي جواب طلب ڪري ورتو

پشاور (م ڊ) تحريڪ انصاف کي جلسي جي اجازت نه ڏيڻ تي آءِ جي خيبرپختونخواهه ۽ ڊي سي مانسهره کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن پاران نيشنل ڪانفرنس

اسان مختصر وقت لاءِ صوبي جي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ آيا آهيون : صوبائي وزير قانون عمر سومرو

معاشري کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان کي سوسائٽي کي مضبوط ڪرڻو پوندو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن طرفان مقامي هوٽل ۾ نيشنل ڪانفرنس ڪرائي وئي جنهن کي خطاب ڪندي نگران صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ناليواري ڳائڻي جي البم اذان ايندي ڌوم مچائي ڇڏي

ناليواري ڳائڻي اذان سميع جو ٻيهريون البم مين تيرا 2021 ۾ رليز ٿيو هو، جنهن کي مداحن تمام گهڻو پسند ڪيو هو

اذان جي نئين البم مختلف پليٽ فارمن تي مداحن کي پسند اچڻ لڳي، آڪٽوبر ۾ البم جو ٽريلر جاري ڪيو ويو هو

ڪراچي (شوبز نيوز) ناليواري ڳائڻي اذان سميع خان جي جذبن سان ڀرپور نئين البم مارڪيٽ ۾ ايندي ڌوم مچائي ڇڏي. اذان سميع جو 2021 ۾ البم مين تيرا رليز ٿيو هو. اذان سميع جو نئون البم سال جي آخر ۾ رليز ٿيو هو. گلوڪار جي البم ۾ اٺ گيت شامل آهن. ماهه، نادان دل، بيٻي، آپ هي رهتي دل ۾، حسن ي جان، هم دم، من مرضي ۽ رنگ دي گيت شامل آهن. اذان جي البم جو ٽريلر آڪٽوبر ۾ رليز ڪيو ويو هو. جنهن ۾ مختلف ڪردارن کي ڏيکاريو ويو هو. صنم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سنڌ سرڪار پاران ڪارونجهر تاريخي ورثو قرار ڏيڻ وارو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج

سنڌ سرڪار سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائي ڇڏي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري

ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ، مختيارڪار ننگرپارڪر ۽ ايس ايڇ او ننگرپارڪر کي ڌر بڻايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ سياحتي ماڳ ڪارونجهر جبل کي تاريخي ورثو قرار ڏيڻ واري سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پي سي بي چيئرمين ڀارت پهچي ويو

انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل جو بورڊ اجلاس 18 نومبر تي ڀارت ۾ ٿيندو

ذڪاءَ اشرف ۽ سلمان نصير آءِ سي سي اجلاس ۾ شرڪت ڪندا

ممبئي (م ڊ) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ مئنيجمينٽ ڪميٽي جو چيئرمين ذڪاءَ اشرف ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سلمان نصير آءِ سي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ناليواري ڳائڻي اذان سميع خان جي جذبن سان ڀرپور نئين البم مارڪيٽ ۾ ايندي ڌوم مچائي ڇڏي

ناليواري ڳائڻي اذان سميع جو ٻيهريون البم مين تيرا 2021 ۾ رليز ٿيو هو، جنهن کي مداحن تمام گهڻو پسند ڪيو هو

اذان جي نئين البم مختلف پليٽ فارمن تي مداحن کي پسند اچڻ لڳي، آڪٽوبر ۾ البم جو ٽريلر جاري ڪيو ويو هو

ڪراچي (شوبز نيوز) ناليواري ڳائڻي اذان سميع خان جي جذبن سان ڀرپور نئين البم مارڪيٽ ۾ ايندي ڌوم مچائي ڇڏي. اذان سميع جو 2021 ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب اقبال پارڪ جي تختي نصب ٿيڻ کان پوءِ دعا گهرندي

صوبائي وزير يونس ڍاڳا جي هدايت تي صنعتڪار ۽ واپاري برادري جي مسئلن جي حل لاءِ 16 رڪني ڪميٽي قائم

چيئرمين ڪمشنر حيدرآباد هوندو. ڪميٽي کي 15 ڏينهن اندر پنهنجون سفارشون پيش ڪرڻيون پونديون

ڪميٽي انڊسٽريل لسٽ ۽ بزنس ڪميونٽي جي مسئلن بابت تفصيلي رپورٽ تيار ڪندي

ڪميٽي نيڪال، روڊن جي تعمير، صفائي ستڙائي ۽ غير قانوني سرگرمين جي خاتمي لاءِ تجويزون ڏيندي

ڪراچي (رپورٽر) صنعت، ڪامرس ۽ روينيو واري صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا جي هدايت تي صنعتڪار ۽ واپاري برادري جي مسئلن جي حل لاءِ 16 رڪني ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي، جنهن جو چيئرمين ڪمشنر حيدرآباد هوندو. ڪميٽي کي 15 ڏينهن اندر پنهنجون سفارشون پيش ڪرڻيون پونديون. ڪميٽي انڊسٽريل لسٽ ۽ بزنس ڪميونٽي جي مسئلن بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسرائيلي فوج جو غزه ۾ مسجد تي حملو، 50 نمازي شهيد، ڪيترائي زخمي

اسرائيلي جهازن غزه جي علائقي سبرا ۾ مسجد تي ان وقت بمباري ڪئي جڏهن مسجد ۾ نماز ادا ڪئي پئي وئي ۽ مسجد نمازين سان ڀريل هئي

اسرائيلي فوج اردن جي فيلڊ اسپتال کي به نه ڇڏيو، بمباري سبب فيلڊ اسپتال جا 7 ڪارڪن زخمي ٿي پيا

اسرائيلي فوج هڪ دفعو ٻيهر غزه جي الشفا اسپتال ۾ داخل ٿي وئي، اسپتال جي ڪجهه حصن کي تباهه ڪيو ويو

غزه (م ڊ) اسرائيلي فوج غزه ۾ مسجد تي حملو ڪري 50 نمازين کي شهيد ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن عرب ميڊيا موجب اسرائيلي جهازن غزه جي علائقي سبرا ۾ مسجد تي ان وقت بمباري ڪئي جڏهن مسجد ۾ نماز ادا ڪئي پئي وئي ۽ مسجد نمازين سان ڀريل هئي. ٻئي طرف اسرائيلي فوج اردن جي فيلڊ اسپتال کي به نه ڇڏيو بمباري سبب فيلڊ اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

غزه: اسرائيل پاران حملي ۾ شهيد ٿي ويل مسجد جو ڏيک

آمريڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي جج نامزد

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي تاريخ ۾ پهريون سنڌ جائي وڪيل کي جج نامزد ڪيو ويو آهي. آمريڪي صدر بائيڊن پاران سنڌ جائي وڪيل عديل منگي کي فيڊرل اپيل ڪورٽ لاءِ جج نامزد ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب عديل منگي اڳوڻي ايم اين اي علي حسن منگي جو ڏوهٽو آهي. سندس ڀيڻ نرين منگي لاڙڪاڻي ۾ سماجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

آصف علي زرداري جو پاڪستان جي صدارت لاءِ اميدوار هجڻ جون ڳالهيون وقت کان اڳ آهن: نثار کهڙو

اليڪشن نتيجن کان اڳ آصف علي زرداري جو پاڪستان جي صدارت لاءِ اميدوار هجڻ جون ڳالهيون وقت کان اڳ آهن

جيڪڏهن اليڪشن ۾ پ پ کي اڪثريت ملي وئي ته پوءِ آصف علي زرداري کي ملڪ جي صدر جي اميدوار نامزد ڪرڻ جو فيصلو پارٽي ڪندي

ايس يو پي جو اڳواڻ محبوب عباسي ساٿين سميت پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿي ويو، پيپلزپارٽي عام چونڊون پنهنجي پليٽ فارم تان وڙهندي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته اليڪشن نتيجن کان اڳ آصف علي زرداري جو پاڪستان جي صدارت لاءِ اميدوار هجڻ جون ڳالهيون وقت کان اڳ آهن. جيڪڏهن اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي کي اڪثريت ملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

2 لک کان وڌيڪ غيرقانوني افغان پناهگيرن جي واپسي ٿي چڪي آهي: پرڏيهي وزارت

31 آڪٽوبر تي ڊيڊ لائين ختم ٿيڻ کان پوءِ غيرقانوني افغان پناهگيرن جي ملڪ واپسي جو سلسلو جاري آهي : ممتاز زهرا بلوچ

هينئر تائين 2 لک 28 هزار 574 غيرقانوني افغان پناهگير پنهنجي شهرن طرف واپس وڃي چڪا آهن

پاڪستان جي حڪومت غيرقانوني طور تي پاڪستان ۾ رهندڙ پرڏيهين جي محفوظ واپسي جي لاءِ عملي قدم کنيا آهن

اسلام آباد: پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو آهي ته هينئر تائين 2 لک کان وڌيڪ غيرقانوني افغان پناهگير پنهنجي ملڪ طرف واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مسلسل واڌ ڪانپوءِ سون جي قيمت ۾ گهٽتائي

ڪراچي (م ڊ) سموري ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ مسلسل ٽي ڏينهن واڌ ڪانپوءِ معمولي گهٽتائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آءِ ايم ايف جي شرط تي حڪومت جو گيس جي اگهن ۾ ٻيهر واڌ جو فيصلو

آءِ ايم ايف کي توانائي شعبي جي ٽيرف تي نظرثاني کان آگاهه ڪيو ويو آهي : شمشاد اختر

فلحال رئيل اسٽيٽ ۽ ريٽيلرز سميت مختلف شعبن ۾ واڌو ٽئڪس لڳائڻ جو فيصلو ناهي ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) نگران سرڪار جنوري 2024ع ۾ گئس جا اگهه وري وڌائڻ جو فيصلو ڪري ورتو ڪراچي ۾ نگران ناڻي واري وزير شمشاد اختر ميڊيا سان گفتگو ڪندي چيو ته آءِ ايم ايف کي توانائي شعبي جي ٽيرف تي نظرثاني کان آگاهه ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

فيض آباد ڌرڻي جي ذميوارن جو احتساب نه ٿيڻ سبب 9 مئي وارو سانحو ڏسڻو پيو: سپريم ڪورٽ

اٽڪل پنج سال گذرڻ باوجود حڪومتن عدالتي فيصلي تي عملدرآمد نه ڪيو : حڪمنامو

فيض آباد ڌرڻي جي فيصلي خلاف نظرثاني درخواستون داخل ٿيون جيڪي ٻڌڻي لاءِ مقرر نه ڪيون ويون

نظرثاني درخواست واپس وٺڻ چاهيان ٿو، عدالت هر هر پڇيو ته درخواست داخل ڇو ڪئي : شيخ رشيد جو وڪيل

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ فيض آباد ڌرڻو نظرثاني ڪيس ۾ 15 نومبر واري عدالتي ڪارروائي جو لکت ۾ حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو حڪمنامي ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ فيض آباد ڌرڻي جو فيصلو ڇهه فيبروري 2019ع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر سستو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) انٽربئنڪ ۾ پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي اڏام کي بريڪ لڳي وئي انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار دوران ڊالر جي قيمت ۾ 2 رپيا 14 پئسا سستو ٿيو. بعد ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي انٽربئنڪ ۾ ڊالر جو اگهه 76 پئسا گهٽجي 287.38 رپين جو ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسٽيبلشمينٽ سان سٺا لاڳاپا رهيا آهن، ڪنهن به پريس ڪانفرنس جو ناهي چيو، پي ٽي آءِ سان گڏ آهيان: پرويز الاهي

پي ٽي آءِ چيئرمين مون سان گڏ پاسي واري سيل ۾ آهي، آءِ ايم ايف ۽ يورپي يونين جا ماڻهو عمران خان سان ملاقات ڪرڻ ايندا رهندا آهن

پي ٽي آءِ کي چونڊن دوران ايترا ووٽ پوندا جنهن جي ڪا به حد نه هوندي، (ن) ليگ وٽ لاهور سميت سموري ملڪ ۾ چونڊ وڙهڻ لاءِ ماڻهو نه آهن

پي ٽي آءِ چيئرمين سان گڏ بيٺل آهيان ۽ رهندس، چونڊن جي تاريخ سپريم ڪورٽ جي چوڻ تي ملي آهي، هن چونڊن ۾ ڌانڌلي نه ٿيندي

چوڌري پرويز الاهي عدالت ۾ پيش ٿيڻ دوران صحافين سان ڳالهيون ڪندي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين سان گڏ آهيان ۽ هميشه گڏ رهندس، اسٽيبلشمينٽ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ ۾ چيني شهرين جي سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪرڻ جو فيصلو

ايڊيشنل گهرو سيڪريٽري خوشحال خان جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

عام شهرين جي سيڪيورٽي جي ايس او پيز کي روائز ڪيو ويو آهي : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت سي پيڪ سميت سموري ملڪ ۾ چيني شهرين جي سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب، ملڪ ۾ رهندڙ چيني واپارين ۽ شهرين جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ گهرو کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

غير قانوني حدخلين کي هٽائڻ لاءِ سخت حڪم جاري

لاڳاپيل عملدارن سان گڏجي غير قانوني حدخلين هٽائڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو: الطاف حسين ساريو

ڏکڻ ڪراچي ۾ جتي به غير قانوني حدخليون آهن، انهن کي هٽايو ويندو : ايڊمنسٽريٽر ڏکڻ ڪراچي

ڪراچي(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو پاران غير قانوني حدخلين کي هٽائڻ لاءِ جاري ڪيل حڪمن تي سختي سان عمل ڪيو پيو وڃي، اسسٽنٽ ڪمشنر گارڊن اسماء بتول ڊي ايس پي ٽريفڪ ۽ لاڳاپيل عملدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پشاور ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن: 4 دهشتگرد مارجي ويا، فوجي جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي بڌهه پير ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو جنهن ڪارروائي دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگردن ۾ ڪمانڊر سميع الله عرف شينائي، دهشتگرد ڪمانڊر سلمان احمد، دهشتگرد عمران محمد ۽ دهشتگرد حضرت عمر عرف خالد شامل

سمورا دهشتگرد قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهربل هئا جن کان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ آيو

اسلام آباد (م ڊ) پشاور جي ڏوراهين علائقي بڌهه پير ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته هڪ فوجي جوان شهيد ٿي ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڀارت اسان جون جوڙيل پاليسيون اختيار ڪري معاشي ترقي ماڻي: نواز شريف

اسان پاڪستان کي معاشي ڏکيائين کي سمجهون ٿا

اوهان سان سدائين مشاورت ڪئي آهي ۽ مشاورت ذريعي ئي اڳتي وڌنداسين

اسان جي جوڙيل پاليسين تي پاڪستان جي ڪاروباري برادري ڀرپور عمل ڪيو

لاهور(م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ نون جي قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي ته اسان جي جوڙيل پاليسي کي ڀارت اختيار ڪري ۽ معاشي ترقي ماڻي. لاهور ۾ چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي عهديدارن کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاهور: ميان نواز شريف چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي عهديدارن کي خطاب ڪندي

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽنڊي جام ۾ ڪارروائي، ڪيترن ئي کير جي دڪانن تي ڏنڊ لاڳو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي حيدرآباد جي ٽير اسسٽنٽ ڪمشنر احسن مورائي سان گڏجي ٽنڊي جام ۾ ڪارروائي ڪئي اها ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي فدا حسين ڪرسو پٺتيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي ۾ اطلاعات تائين رسائي جي قانون بابت تربيتي ورڪشاپ منعقد

پاڪستان جي آئين موجب معلومات تائين رسائي هر شهري جو حق آهي: نديم الرحمان ميمڻ

معلومات تائين رسائي جي حق واري قانون سان معاملن ۾ شفافيت ۽ بهتري ايندي: سيڪريٽري اطلاعات سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان جي آئين موجب معلومات تائين پهچ هر شهري جو بنيادي حق آهي ۽ ان حوالي سان سنڌ حڪومت سنڌ اسيمبلي تان ٽرانسپيرنسي اينڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهروفيروز ۾ جسقم اڳواڻ مرڪ جان جي مبينا قتل ۽ هاشم لغاري جي گرفتاري خلاف مظاهرو

جسقم ضلعي جي چيف آرگنائيزر ڪامريڊ فيصل مستوئي، ڪامريڊ فاروق سولنگي، فياض شيخ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪامريڊ مرڪ جان هڪ بهادر ناري هئي، اسان کي يقين آهي ته هو خودڪشي نٿي ڪري سگهي : مظاهرين جون دانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪامريڊ مرڪ جان جي قتلجي شفاف جاچ ڪرائي سندس ناحق خون سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ)حيدرآباد ۾ خودڪشي ڪندڙ جسقم ناري تحريڪ جي چيف آرگنائيزر مرڪ جان جي مبينا قتل ۽ هاشم لغاري جي گرفتاري خلاف جسقم ضلعي نوشهروفيروز جي چيف آرگنائيزر ڪامريڊ فيصل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز : جسقم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر سميت سڄي سنڌ ۾ اسڪولن جي عمارتن جي اڏاوت ۽ مرمت جو ڪم ديرجو شڪار ٿي ويو

سکر(بيورو رپورٽ)سکر سميت سڄي سنڌ ۾ اسڪولن جي عمارتن جي اڏاوت ۽ مرمت جو ڪم دير جوشڪار ٿي ويو، ضلعي انتظاميا ۽ اسڪول ايجوڪيشن ورڪس جا آفيسر خاموش تماشائي بڻيل، تفصيل موجب اسڪول جي عمارتن جي تعمير ۽ مرمت سکر ضلعي اندر برساتن سبب متاثرٿيل اسڪول ايجوڪيشن ورڪس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽي ضلعي لاءِ اعلانيل منصوبا مڪمل ناهن ٿي سگهيا

ڪامورن سميت سياسي ليڊر ۽ ٺيڪيدارن پاران منصوبن لاءِ ملندڙ اربين روپيا هڙپ

اڳوڻي صوبائي وزير سسئي پليجو جي دور ۾ ڪيترين ئي اسڪيمون منظور ڪيون ويون هيون

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) پيپلز پارٽيءَ جي گذريل پندرنهن سالن جي دورجي پڄاڻي ته ٿي وئي پر گذريل ٻارنهن سان کان ٺٽي ضلعي لاءِ اعلانيل منصوبا مڪمل ناهن ٿي سگهيا ۽ ڪامورن سميت سياسي ليڊر ۽ ٺيڪيدارن پاران منصوبن لاءِ ملندڙ اربين ائين ته هڙپ ڪيا ويا جڻ منصوبا منظور ئي نه ٿيا هئا. ياد رهي ته گذريل پندرنهن سالن واري پ پ پ جي حڪومتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي پاران فلسطين جي حمايت ۾ احتجاجي ريلي

جماعت اسلامي جي امير غلام مصطفيٰ ميرائي، محمد بچل بڪرائي، عبيد الله گولو، شبيراحمد ميرائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسرائيل پنهنجي هوڏ تي قائم آهي ۽ بلاجواز بمباري ڪري معصوم ٻارڙن کي ماري رهيو آهي : مظاهرين جون دانهون

اسرائيل کي عالمي برادري جي ڪنهڙي ۾ بيهاري سزا ڏئي پابندي لڳائي وڃي ۽ معصوم فلسطين سان انصاف ڪيو وڃي

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي پاران فلسطين جي حمايت ۾ لائبريري چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي جماعت اسلامي جي امير غلام مصطفيٰ ميرائي، محمد بچل بڪرائي، عبيد الله گولو، شبيراحمد ميرائي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته اسرائيل پنهنجي هوڏ تي قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي :جماعت اسلامي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

سيد امير علي شاهه جون تعلقي پرياسٽي جي عوام لاءِ ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن : سجاد امداد ميمڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)سيد امير علي شاهه جون تعلقي پرياسٽي جي عوام لاءِ ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن اين آءِ سي وي ڊي ڪنٽنر اسپتال سان پرياسٽي جي عوام کي فائدو ملندو سجاد امداد ميمڻ خبر موجب سنڌ ميمڻ اتحاد جي چيف آرگنائيزر سجاد امداد ميمڻ ڪراچي پهچي پرياسٽي جي ناميارين شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر پوليس چورن آڏو بيوس لاچار بڻيل، رهواسين پاران احتجاج، نعريبازي

شهر جي رهواسي خميسو خان لاشاري سکر پوليس جي ڪوڙن دلاسن کان تنگ اچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس پاران هن وقت تائين پڪتل جوابدار کان چوري ٿيل موٽرسائيڪل رڪور نه ٿي آهي : مظاهرين

چوري ٿيل موٽرسائيڪل رڪور ڪرائي ڏني وڃي ٻئي صورت ۾ ڊي آءِ جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس چورن آڏو بيوس لاچار بڻيل سکر شهر جي رهواسي خميسو خان لاشاري سکر پوليس جي ڪوڙن دلاسن کان تنگ اچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان سلسلي ۾ سکر شهر جي رهواسي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته گذريل سال منهنجي موٽرسائيڪل چابي چور ڪاهي فرار ٿي ويا هئا ان کان بعد مان حد جي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي هئي حد جي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز ۾ آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن پاران احتجاج جاري

ملازمن جو ڪم ڇڏ هڙتال جو سڏ، پگهارون نه ملڻ خلاف اڄ 11 ڏينهن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪيو

گذريل ٽن مهينن کان ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جو پگهارون نه ڏيڻ ڪري ملازم فاڪاڪشي جو شڪار آهيون : مظاهرين

ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري ملازم سخت پريشان آهن، پگهارون نه ملڻ ڪري فاقا ڪٽي رهيا آهيون

نوشهرو فيروز(د ر) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن ضلعي نوشهرو فيروز پاران ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي ملازمن جو ڪم ڇڏ هڙتال جو سڏ پگهارون نه ملڻ خلاف اڄ 11 ڏينهن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ڪم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز :لوڪل گورنمينٽ جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي شهر جو رهواسي سماج سڌارڪ ڇڄڻ نياڻين جو والد شهزاد علي شيرخاني

ٺٽو(در) ٺٽي شهر جو رهواسي سماج سڌارڪ ڇڄڻ نياڻين جو والد، گهرجوا ڪيلو ڪمائيندڙ شهزاد علي شيرخاني گذريل ڪيترن ئي سالن کان جگر جي جان ليوا بيماري ۾ مبتلا ٿي بستري پيڙو ٿي ويو آهي، پر سندس بهتر علاج نه ٿيڻ ڪري سندس طبيعت سڌرڻ بجاءِ ويتر خراب ٿيندي پئي وڃي. پر سندس علاج ۾ اجان تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽون ڏيرو پرسان قبضي هيٺ آيل زمين کي قبضا مافيا کان خالي ڪرائڻ لاءِ آپريشن شروع

اي سي بيلي ڪاتي، روينيو عملدارن ۽ پوليس ساڻ ڪري قبضي وارين زمينن تي پهچي ٽريڪٽر ذريعي زمينن ۾ پوکيل فصلن کي پيلائي زمينون سرڪاري تحويل ۾ وٺي ڇڏيون

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي حڪم ۽ ڊي سي لاڙڪاڻو جي هدايتن تي سنڌ اندر بيلي ڪاتي جي زمينن تي ٿيل قبضن کي ختم ڪرڻ لاءِ هي آپريشن شروع ڪيو آهي : اي سي

400 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين تي علائقي جي ماڻهن جا سالن کان قبضا ٿيل آهن جيڪي قبضا هن وقت اسين ختم ڪرائي زمينون سرڪاري تحويل ۾ وٺي ڇڏيون آهن

ٺٽون ڏيرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت سنڌ جي بيلي ڪاتي جي زمينن تان قبضا مافيا کان خالي ڪرائڻ واري حڪمن بعد ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر رتوديرو ڪائنات طفيل شيخ ٺٽون ڏيرو پرسان ديهه ڀهمڻ ۽ ديهه شادي ابڙو ۾ قبضي هيٺ آيل 400 ايڪڙ زمين کي قبضا مافيا کان خالي ڪرائڻ لاءِ آپريشن شروع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽي ۾ هندو برادري سان يڪجهتي جي اظهار طور ديوالي جي موقعي تي تقريب

سنڌ امن ۽ محبت جي ڌرتي آهي، جتي هڪ ٻئي جي خوشين جو خيال رکيو وڃي ٿو : وزير زئور

سڄي سنڌ ۾ بهترين ڪارڪردگي سان عوام جي خدمت ۾ ڏينهن رات مصروف آهن

اسان جو تربيت يافته عملو هر مريض جو خيال رکندو آهي جيئن هڪ ماءُ پنهنجي ٻار جو خيال رکندي آهي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس ريسڪيو 1122 هوب ايمبولينس سروسز ٺٽو اسٽيشن پاران هندو برادري سان يڪجهتي جي اظهار طور ديوالي جي موقعي تي ٺٽي اسٽيشن جي عملي پاران مڪلي اسٽيشن تي هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ بنا ڪنهن نسل، مذهب، ذات پات ۽ رنگ جي فرق جي هندو برادري سان يڪجهتي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو: ۾ هندو برادري پاران ديوالي ملهائي پئي وڃي

ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ چورين جو آزار گهٽجي نه سگهيو

ڪنڌڪوٽ(رپورٽر) ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ چورين جو آزار گهٽجي نه سگهيو، اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ڪاروائي ڪرڻ بدران پنهنجي اوڳاڙي ۾ مصروف، اي سيڪشن جي پوليس ڪاروائي ڪرڻ بدران خواب خرگوش جي ننڊ ستل گذريل رات ون فائيو سامهون هوٽل هلائيندڙ تبن شيخ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پيروسڻ پرسان ڳوٺ زوار محمد رمضان شيخ جي رهواسي پيرسن پاران احتجاج

بااثر پير بخش شيخ سميت ٻيا ماڻهو اسانجي گهرواري پلاٽ تي خالي ڪرائي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا : پيرسن

ڪيترائي ڀيرا هٿيارن ۽ ڏنڊن سان گهر تي حملو ڪيو آهي، پوليس به انهن جي وانگارو بڻيل آهي

اسان جاڻايل جوابدارن جي ظلم ۽ زيادتين کان تنگ ٿي پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي

نئي ميرواهه(رپورٽر) پيروسڻ پرسان ڳوٺ زوار محمد رمضان شيخ جي رهواسي پيرسن نبي بخش شيخ جو زال سوڍو پنهنجي ٽي برادري جي بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو اپيلون، رپورٽ موجب متاثر نبي بخش شيخ ۽ سندس گهرواري، ملڻ ختتون ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته بااثر وڏيرو شاهد شيخ، احسان الله شيخ، نظام الدين گل حسن ۽ پير بخش شيخ سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سرحد پرسان ساوند سندراڻي تڪرار تان مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ

پوليس ٻنهي ڌرين جي 67 ڄڻن مٿان دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي ضلعي اندر ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ نه ڏنو ويندو : پوليس

سرحد(رپورٽرغلام عباس مهر) ساوند سندراڻي تڪرار تان ڌرين جي هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ پوليس ٻنهي ڌرين جي 67 ڄڻن مٿان دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو، خبرموجب هڪ ڏينهن اڳ آندل سندراڻي ٿاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ ميونسپل ملازمن جي ڪم ڇڏ هڙتال جاري

صفائي وارو ڪم بند هجڻ ڪري گندگي جا ڍير گٽر اٿلي پيا، پاڻي وهڻ لڳو

گٽر اٿلڻ سبب شهر جا رستا گندي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، نوٽيس وٺڻ جي گهر

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) اڄ ٻارهين ڏينهن به ميونسپل ملازمن جي ڪم ڇڏ هڙتال جاري شهر ۾ صفائي وارو ڪم بند هجڻ ڪري گندگي جا ڍير گٽر اٿلي پيا شهر جي روڊن تي پاڻي وهڻ لڳو، گٽر اٿلڻ سبب شهر جا رستا گندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز : ميونسپل ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو : سينيئر صحافي غلام حسين لغاري انصاف نه ملي سگهيو

پوٽارن پاران ڪيس موتمار ڌمڪين جو سلسلو به بند نه ٿي سگهيو، اختيارين خاموش

اختيارين کي پاڻ سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍايتين خلاف آگاهه ڪنداسين : اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي اڳوڻي ڊائريڪٽر زراعت ۽ سينيئر صحافي غلام حسين لغاري به انصاف جي اوسيڙي ۾ جونديل نمائندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو غلام علي پرسان نوجوان مبينا ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

2 ٻارن جي پيءُ 26 ورهين جي نوجوان رتنشي ڪولهي خودڪشي ڪري ڇڏي

پوليس پوسٽ مارٽم جي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو غلام علي پرسان ڳوٺ حاجي ظهور ۾ گهر ڀاتين سان ڪاوڙيل 2 ٻارن جي پيءُ 26 ورهين جي نوجوان رتنشي ولد مائوجي ڪولهي گهر پرسان وڻ ۾ رسي ذريعي مبينا ڦاهو کائي پنهنجي حياتي جو انت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

محرابپور مان مهينو اڳ 20 لک رپيا ڦر واقعي خلاف دانهون

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪابه ڪارروائي نه ڪري سگهي : واپاري جام اشرف

معاملي جو نوٽيس وٺي ڦر ٿيل 20 لک رپيا واپس ڪرائي ڏنا وڃن

محرابپور(رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محراب پور پوليس ٿاڻي جي حد مان مهينو اڳ 20لک رپيا ڦر واقعي خلاف واپاري جام اشرف سهتو، امجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

SSSS
رجسٽرڊ محرابپور
ATN
VOICE
TODAY
A5
TV

محرابپور : ڦر واقعي خلاف متاثر پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سکر شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري

ڊمپر جي ٽائر راڊ ٽٽڻ سبب ڊمپر بجلي جي پول سان ٽڪرائجي ويو

ڪرنٽ لڳڻ سبب ڊرائيور معجزاتي طور محفوظ رهيو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن ۽ ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جي وڏين دعوائن کان پوءِ رات دير سان شهر جي روڊن رستن جي مرمت جو ڪم جاري آهي، شهر ۾ دوڊن جي مرمتي ڪم دوران سکر جي مڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل جي مان ۾ تقريب

ٿرپارڪر جي عوام ڪامياب جلسو ڪري ٿر ۾ تاريخ رقم ڪئي آهي : ڪملا ڀيل

پ پ ئي واحد پارٽي آهي جنهن غريب عوام جي خدمت ڪري انهن کي حق ڏنا آهن

ٿرپارڪر(رپورٽ صادق بجير) ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل ڳوٺ گوڙي پهچي اجياڻي ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ارباب گروپ سان لاڳاپيل ڪامريڊ ملوڪ ڀيل ڏيوجي ڀيل، سائين ملو ڀيل، سکو مل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٿرپارڪر : پ پ اڳواڻ ڪملا ڀيل تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

ٿرپارڪر ۾ صحت جي سهولتن کي وڌيڪ بهتر ڪيو وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

ٻهراڙي ۾ قائم صحت مرڪزن ۾ صحت جي سهولتن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي

اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، عملي سميت دوائن جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي

مٺي(د ر) ٿرپارڪر ۾ صحت جي سهولتن کي وڌيڪ بهتر ڪيو وڃي، ڊاڪٽرن، عملي سميت دوائن جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي صحت کاتي ٿرپارڪر جي عملدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين ۾ زمين خريد ڪندڙ سان دوکو متاثر پاران احتجاج

بااثرن ڏنل رقم تان هٿ نه کڻڻ جي صورت ۾ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن : متاثر

زمين زبردستي خريد ڪندڙ پوليس اهلڪار خلاف ڪارروائي ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ زمين خريد ڪندڙ سان دوکو متاثر پاران ايوان صحافت اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ پريس ڪانفرنس. بدين ويجهو ڳوٺ چاڪر خان جتوئي جي رهواسي، محمد حنيف ولد محمد عمر جتوئي ايوان صحافت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي : ڪارساز ۾ ملازمت دوران فوت ٿيل آفيسرن ۽ ملازمن جي ياد ۾ پروگرام

مرحوم عزيزالله مگسي ۽ ڊائريڪٽر پلاننگ واٽر ڪارپوريشن عبدالجبار شيخ جي والد لاءِ دعائون

واٽر ڪارپوريشن جي آفيسرن ۽ ملازمن پاران وفات ڪندڙن جي پونيئرن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار

ڪراچي(رپورٽر) ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽر آر آر جي واٽر ڪارپوريشن سيد عمران اقبال زيدي پاران بلاڪ اي ڪارساز ۾ ملازمت دوران فوت ٿيل آفيسرن ۽ ملازمن جي ياد ۾ هڪ تعزيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو ترجمان واٽر ڪارپوريشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي : تعزيتي پروگرام دوران دعا گهري پئي وڃي

ٺٽي پرسان جلسہ جشن عيد ميلادالنبي صہ ۽ يارهين شريف جو پروگرام

علماءِ اڪرام الحاج پير ڪرم الله عرف دلبر سائين ماتلي وارا، مولانا مفتي عبدالباسط صديقي ۽ ٻين خطاب ڪيو

فلسطين ۽ ڪشمير ۾ مسلمانن جو بيگناهه رت وهائي انهن کي شهيد ڪري نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي : عالم

تحفظ فراهم ڪرڻ سميت ملڪ مان مهانگائي، بيروزگاري، بدامني جو خاتمو آڻي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

ٺٽو(د ر) انجمن نوجوانان بروهي برادري ڳوٺ وڏيرو حاجي نور محمد بروهي ٺٽو پاران جلسہ جشن عيد ميلادالنبي صلعم ۽ يارهين شريف ڳوٺ وڏيرو حاجي نور محمد بروهي لڳ بوائز هاءِ اسڪول شهر ٺٽو ۾ منعقد ڪئي ويئي. جنهن ۾ علماء /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: جشن عيد ميلادالنبي صہ جي تقريب جو ڏيک

دادو ۽ آس پاس جي علائقن ۾ رولو ڪتن ماڻهن کي ڏاڙهڻ سبب عوامي شڪايتن جو نوٽيس ورتو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۽ آس پاس جي علائقن ۾ رولو ڪتن ماڻهن کي ڏاڙهڻ سبب عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي دادو پيردانش علي ميونسپل آفيسرن کي ڪتا مارڻ جون هدايتون ڪيون. ان تي عمل ڪندي چيف ميونسپل آفيسر اياز علي پنهور، جاويد راهپوٽو انچارج علاءالدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ پراڻو سکر جي ٽانگا اسٽينڊ ڪيري ڪوارٽر جي رهواسي پاران احتجاج

پاءُ ڀيءُ جي گهرتي ناجائز قبضا ڪري رهيا آهن، ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو آهي : مظاهرين

ڪيترائي ڀيرا عدالتن ۾ ملڪيت مان حصو ڏيڻ لاءِ رضامندي جا خط لکيا آهن انصاف ڏياريو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻو سکر جي ٽانگا اسٽينڊ ڪيري ڪوارٽر جي رهواسي نور محمد اڻڙ پنهنجي زال مسمات حنيظان سان گڏ سندس ڀاءُ گلزار ۽ ڀائٽين مزمل، ذاڪر ۽ ٻين جي زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته سندس ڀاءُ سندس ڀيءُ جي گهرتي ناجائز قبضا ڪري رهيا آهن. ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ حصو ڏيڻ لاءِ، اسان تي ظلم ڪري رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

قومپرست ناري اڳواڻ مرڪ جان پيرزادو جي موت جو گهرڀاتين سيف جتوئي کي ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو

جوابدار سيف جتوئي مرڪ تي ڪيترائي ڀيرا تشدد پڻ ڪيو، فون تي بليڪ ميل ڪري ڌمڪيون به ڏيندو رهيو : وارث

لکيل ڊائري پراڻي وقت جي آهي سيف سان شادي وارا افواهه بي بنياد آهن : مرڪ جي ننڍي ڀيڻ مهڪ جان پيرزادو ۽ زيب النساءِ

پوليس کي سيف جتوئي کي فوري طور جاچ ۾ وٺڻ گهرجي، ٻئي صورت ۾ سنڌ درست ڌرين سان گڏجي احتجاج ڪنداسين

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) قومپرست ناري اڳواڻ مرڪ جان پيرزادو جي موت جو گهر ڀاتين سيف جتوئي کي ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو. سيف جتوئي مرڪ تي ڪيترائي ڀيرا تشدد پڻ ڪيو فون تي بليڪ ميل ڪري ڌمڪيون به ڏيندو رهيو لکيل ڊائري پراڻي وقت جي آهي سيف سان شادي وارا افواهه بي بنياد آهن مرڪ جي ننڍي ڀيڻ مهڪ جان پيرزادو ۽ زيب النساءِ تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مانجهند : مرحوم مرڪ جي امڙ ۽ ڀيڻ صحافين سان ڳالهائي رهيون آهن

گهارو شهر جي وارڊ نمبر 2 ۾ ڀيرسن عورت ڇاتيءَ جي ڪينسر ۾ مبتلا، واهر جي اپيل

ٺٽو(د ر) گهارو شهر جي وارڊ نمبر 2 حيدري محلي ۾ پکن واري گهر ۾ رهندڙ انتهائي ضعيف العمر غريب عورت مسمات جمال خاتون زال صالح محمد حيدري فقير گذريل 6 سالن کان ڇاتيءَ جي ڪينسر جهڙي خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي بستري پيڙي ٿي زندگي ۽ موت سان جنگ وڙهي رهي آهي، هر سنڌس علاج ۾ مدد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

خانپور مهر پرسان قتل ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن کي عدالت سزا ٻڌائي ڇڏي

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار گلبهار گڏاڻي ۽ ايوب ملڪ کي عمر قيد کي 7_7 سال جي سزا ٻڌائي

ڳوٺ سڄاول ملڪ پرسان مقتول ممتاز ملڪ کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو

ڪيس ۾ بابو گڏاڻي، حاجي گڏاڻي، محمدو گڏاڻي جان محمد گڏاڻي روپوش هئا

خانپور مهر(رپورٽ:آفتاب سيال)خانپور مهر پرسان ڳوٺ سڄاول ملڪ ۾ 3 سال اڳ قتل ٿيل چگي مڙس ممتاز ملڪ جي قتل ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن کي ٿرڊ ايڊيشنل سيشن جج گهوٽڪي جي عدالت عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. گهوٽڪي جي ٿرڊ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار گلبهار گڏاڻي ۽ ايوب ملڪ کي عمر قيد ۽ هٿيار رکڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽون ڪوٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ايريگيشن جي قديمي بنگلي جو دورو

2011 جي ٻوڏ دوران متاثر ٿيل ڪٽنبن کي ضلعي انتظاميا پاران عارضي طور ترسايو ويو هو : اي سي

آبپاشي کاتي ۽ ضلعي انتظاميا پاران انهي بنگلي کي خالي ڪرائڻ لاءِ حڪم ناموجاري ڪيو ويو آهي

رپورٽ انتظاميا کي موڪليندا سين، هتي ترسيل ماڻهن کي ٻئي هنڌ شفٽ ڪرڻ لاءِ انتظاميه کي خط لکنداسون

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو شبير جان جسڪاڻي ٺٽون ڪوٽ بس اسٽاپ پرسان ايريگيشن جي قديمي بنگلي جو دورو ڪيو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر صحافين کي ٻڌايو ته ايريگيشن جي قديمي بنگلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ڪوٽ : اسسٽنٽ ڪمشنر قديمي بنگلي جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪوٽڏيجي پرسان مينگهواڙ برادري تي لاش دفن ڪرڻ وقت بااثرن مبينا حملو ڪري ڏنو

ڪوٽڏيجي(رپورٽر) ڪوٽڏيجي پرسان مينگهواڙ برادري تي لاش دفن ڪرڻ وقت بااثرن جو مبينا حملو ڪري هڪ بزرگ جو لاش قبرستان ۾ دفن نه ڪرڻ ڏنو ويو ۽ لاش کي وارث پنهنجي گهر واپس کڻي آيا ڳوٺ ڇتن مل جي رهواسين پڳوان داس، درهم داس، سادو رام، ٻيرم داس ۽ ٻين لاش رکي بااثر عباس علي ٻڙدي خلاف احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ "ايڪ دن سيل ڪا" جي عنوان سان بزنس فيسٽيول منعقد

بزنس فيسٽيول جو افتتاح آءِ بي اي يونيورسٽي جي پرووائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد ميرمحمد شاهه ڪيو

فيسٽيول جو مقصد شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڪاروباري ذهنيت جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي : اڳواڻ

علم کي پريڪٽس ۾ آڻي سگهن، سکر آئي بي اي يونيورسٽي ۾ "ايڪ دن سيل ڪا" فيسٽيول هر سال منعقد ڪيو ويندو آهي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ "ايڪ دن سيل ڪا" جي عنوان سان بزنس فيسٽيول منعقد، يونيورسٽي جي شاگردن ۽ لوڪل بزنسز حصو ورتو سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي سينٽر فار انٽرپرينيول ليڊرشپ اينڊ انڪيوبيشن پاران يونيورسٽي ۾ "ايڪ دن سيل ڪا" جي عنوان سان ساليانو بزنس فيسٽيول منعقد ڪيو ويو بزنس فيسٽيول جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

انشاءَالله مجاهدين هٿان يهودي فوجين کي شڪست ملندي : مولانا اسدالله ڀٽو

غزه جي ويڙهه ڪتن ۽ ٻلين جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ واري مغرب جي چهري تان نقاب لاهي ڇڏيو آهي

آمريڪي پٺڀرائي ۾ يهودي دهشتگردي پوري انسانيت خلاف ۽ عالمي امن لاءِ خطرو آهي

فلسطينين جي نسل ڪشي کي 40 ڏينهن گذرڻ باوجود دنيا خاموش تماشائي بڻيل آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ملي يڪجهتي ڪونسل سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسد الله ڀٽو چيو آهي ته فلسطين ۾ انسانيت خلاف ٿيندڙ سنگين ڏوهن تي دنيا نوٽيس وٺي، فلسطيني عوام جي نسل ڪشي کي چاليهه ڏينهن گذري چڪا آهن. پر انساني حقن جي ادارن سميت دنيا خاموش تماشائي بڻيل آهي. هاڻي ته يهودي دهشتگردي هٿان اسپتالون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي : اڳوڻو ايم اين اي اسد الله ڀٽو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور : رٽائرڊ ملازمن جو خزاني آفيس جي آفيسرن خلاف احتجاج پيرول هلائڻ جو مطالبو

خيرپور(رپورٽر) رٽائرڊ ملازمن جو خزاني آفيس جي آفيسرن خلاف احتجاج پيرول هلائڻ جو مطالبو تفصيل موجب رٽائرڊ ايمپلائيز ۽ پينشنرن جي صدر فقير شفيع محمد سولنگي، جنرل سيڪريٽري سائين بخش ڪورائي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مير قمبر علي خان ٽالپر، پريس سيڪريٽري شيراز علي خان ۽ ٻين رٽائرڊ ملازمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جوهي جي ڳوٺ پٽ سليمان جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

عالم خاتون، زبيده، ڪوڙو لنڊ، ظفر لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سي آءِ اي پوليس دادو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس چڙهائي دوران جڏهن ڪانئن سبب پڇيوسين ته پوليس ڪجهه به ٻڌائڻ بغير ڪارروائي ڪئي : مظاهرين

معاملي جي جاچ ڪري بلاجواز کنيي گرفتار ڪيل پيرسن کي آزاد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

جوهي(رپورٽر) جوهي جي ڳوٺ پٽ سليمان جي رهواسي عورتن ۽ مردن عالم خاتون، زبيده، ڪوڙو لنڊ، ظفر لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سي آءِ اي پوليس دادو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي. مظاهرين موجب سي آءِ اي دادو پوليس بلاجواز سنڌن ڳوٺ تي چڙهائي ڪري هراس ڦهلائڻ بعد هڪ پيرسن راوت لنڊ کي کنيي کڻي وئي آهي. مظاهرين موجب پوليس چڙهائي دوران جڏهن ڪانئن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 17 نومبر 2023ع

آر او پلانٽس جي تباهيءَ لاءِ ذميوار پبلڪ هيلٿ کاتو

ملڪ ۾ گورننس جي حالت بنهه خراب آهي. اها ان صوبي ۾ ته ويتر خراب آهي، جتي هڪ ئي جماعت جي 15 سالن تائين لڳاتار حڪمراني رهي آهي. توڙي جو ڪجهه ترقياتي ڪم ٿين به ٿا پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ انهن اسڪيمن کان لاتعلقي اختيار ڪرڻ سبب اهي نه صرف تباهه پر عوام لاءِ بي لاڀ پڻ بڻجي وڃن ٿيون. اهڙين ئي اسڪيمن ۾ ٿرجي ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت جي فراهميءَ لاءِ ڏنل آر او پلانٽس پڻ آهن. هونئن ته سڄي ٿر ۾ ڏنل آر او پلانٽس جي اڪثريت ته خراب ۽ ناڪاره بڻجي وئي آهي پر رڳو عمرڪوٽ ضلعي تي نگاهه وجهجي ته اتي به 65 آر او پلانٽس مان 42 پلانٽس پبلڪ هيلٿ کاتي عمرڪوٽ جي نااهلي ۽ لاتعلقي سبب ناڪاره بڻجي ويا آهن. پرويز مشرف ۽ ارباب رحيم جي دور يا وري ان کانپوءِ واري وقت ۾ عمرڪوٽ جي ڇئن تعلقن پٿورو، عمرڪوٽ، سامارو ۽ ڪنري ۾ لڳايل آر او پلانٽس تي مقرر 80 ڪچن ملازمن آپريٽرن ۽ چوڪيدارن کي حڪومت طرفان مقرر گهٽ ۾ گهٽ اجرت ته پري جي ڳالهه، فڪس ڪيل 18 هزار رپيا ماهوار اجرت به گذريل 13 مهينن کان ادا نه ڪئي وئي آهي، جنهنڪري انهن ملازمن جي گهرن ۾ فاقا آهن.

سنڌ ۾ عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر نه آهي. ٿر ان حوالي سان سڀ کان گهڻو متاثر آهي. پ پ پ حڪومت جي دور ۾ ٿر ۾ آر او پلانٽس لڳايا ويا، پر انهن مان اڪثر خراب هجڻ ڪري بي لاڀ بڻيل آهن. آر او پلانٽس جي حوالي سان هڪ شڪايت اها رهي ته انهن مان گهڻا پلانٽ سفارشن تي ۽ سياسي بنيادن تي ڏنا ويا. جتي انهن پلانٽس جي شديد ضرورت هئي ۽ ماڻهن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جو مسئلو شديد هو، اتي نه مليا. ٻيو ته جيڪي ڪچا ملازم انهن جي سارسنڀال لاءِ رکيا ويا، انهن کي پگهارن جي ادائگي نه ٿيڻ جي ڪري اهي ڇڏي ويا. سنڌ جا حڪمران ۽ پ پ پ جي قيادت اهو فخر سان ٻڌائيندي آهي ته ايشيا جو وڏو آر او پلانٽ ٿر ۾ آهي، پر اهو ٻڌائڻ جي زحمت نه ڪئي ويندي آهي ته، سندن لاتعلقيءَ سبب اڪثر آر او پلانٽ ناڪارا ٿي چڪا آهن. ڪنهن علائقي کي ڪا اسڪيم ڏيڻ ئي ڪافي نه آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته اها لاڀائتي ڪيئن بڻائجي! جڏهن صرف هڪ ضلعي عمرڪوٽ ۾ آر او پلانٽس جي اها حالت آهي ته ٿر جي ٻين هنڌن تي ڪهڙي حالت هوندي، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي. صرف اسڪيم ڏيڻ ئي نه پر ان جي سارسنڀال به انتظامي ذميواري آهي. پبلڪ هيلٿ کاتو ان حوالي سان انتهائي نااهليءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو آهي.

ٿرجي عوام کي پيئڻ جي مٺي ۽ صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ جيڪي آر او پلانٽس لڳايا ويا آهن، انهن تي به عوام جي ٽئڪسن جي ناڻي جا ڪروڙين رپيا خرچ ٿيا آهن. ايڏو وڏو نقصان ڪرڻ غفلت نه پر ڏوهه آهي. جڏهن آر او پلانٽس لڳايا ويا آهن ته انهن جي سارسنڀال لاءِ بجيٽ ڇو نٿي رکي وڃي؟ آر او پلانٽس هلائڻ ۽ سارسنڀال لاءِ جيڪي آپريٽر رکيا ويا، انهن جي ملازمت به پڪي نه هئي، ٻيو ته جڏهن 13 مهينن تائين انهن ملازمن کي پگهار ئي نه ملي ته اهي بيگار جهڙي اها نوڪري ڇو ڪندا؟ اهي مسڪين ملازم پگهارن لاءِ لڳاتار احتجاج ڪندا رهيا آهن پر اسان جي احتجاج پروف انتظاميا ۽ نئوڊ ڪامورن تي ان جو ڪو به اثر نٿو ٿئي! هڪ طرف ته ملازمن جي ٻچن کي فاقن تي رکڻ جو پاپ ڪيو ويو آهي ۽ ٻيو وري عوام کي پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهولت کان محروم ڪرڻ جو مها پاپ ڪيو ويو آهي، ڇو ته ٿر ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي ڪيڏي تڪليف آهي، اهو ڪو ٿر واسي ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. اسان سنڌ جي منتظمين کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته ٿر ۾ ناڪارا آر او پلانٽس جي فوري طور مرمت ڪرائي انهن کي فعال بڻائي ٿرجي عوام کي پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهولت فراهم ڪئي وڃي. 13 مهينن کان پگهارن کان محروم ملازمن جي پگهارن جي ادائگيءَ کي يقيني بڻايو وڃي. ڪروڙين روپين جي نقصان لاءِ ذميوار پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪامورن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي.

ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون صليب تي لٽڪيل سنڌ ۽ اينڊڙ اليڪشن

نواز شاهه پاڏائي

توهان انگريزي فلم "ريوينٽ" ضرور ڏٺي هوندي. هي هڪ اهڙي فلم آهي، جنهن ۾ انسان جي جياپي جي جنگ، عزم ۽ حوصلي جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. هيرو جو ڪردار ٽائيٽنڪ فلم واري ليونارڊو ڊي ڪيپريو ادا ڪيو آهي. هن فلم ۾ هن تي هڪ رڇ حملو ڪندو آهي، جنهن ۾ هو مرڻينگ تي ويندو آهي پوءِ سندس ساٿي به ڪيس مئل سمجهي ڇڏي ويندا آهن. اتان کان زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش شروع ٿئي ٿي. هڪ سچي واقعي تي آڌاريل اها فلم ڪجهه وقت اڳ بزنس جي لحاظ کان دنيا ۾ ٽئين نمبر اينڊڙ فلم "اسٽاروارز" کي به باڪس آفس ۾ ماري وئي هئي. زنده رهڻ لاءِ انسان جيڪي جتن ڪري ٿو ان جي ڪمال ڪاريگري سان هن فلم ۾ نشاندهي ڪئي وئي آهي. فلم ۾ جڻ ته سنڌي ماڻهن جي موجوده حالتن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. اڄ سنڌي جياپي جي جنگ وڙهي رهيا آهن اڄ جڏهن اليڪشن جي موسم جا پاڇا آسپاس پوڻ شروع ٿيا آهن، تڏهن اسين اهو چوڻ جي حق بجانب آهيون ته اسان جي نسلن جي خوابن کي طاق نيسان تي لٽڪائڻ جا ذميوار هن ملڪ جا "اصل تي وڏا" حڪمران آهن اسان جي سياسي افق تي اڪثريتي اهڙن ماڻهن جو گهيرو آهي، جيڪي ضمير کان وانجهيل آهن. جن کي ڏسي زوالي دور جي هڪ عرب شاعر صالح بن شريف جو هي شعر ذهن تي تري ايندو آهي:

يمزق لدهر حما کل سيف حده
ان ڪان ذي يزن الغمد غمدان

(زمانو هر تلوار جي لوهه کي ٽڪرا ڪري ڇڏي، ڀلي اها تلوار يزن جي ٺهيل ڇو نه هجي ۽ ڀلي مياڻ مضبوطي ۾ غمدان جي ڇو نه هجي).

صد افسوس ته بحيثيت قوم اسان ڪڏهن به پنهنجي حڪومت جي هنن مستقل مڙهيل وزيرن، مشيرن، ايم پي ايز، ايم اين ايز کان اهو سوال ناهي ڪيو ته اوهان تاريخ جي جهري کي ڇو بگاڙي رهيا آهيو؟ هي لٽيل قافلي جهڙي عوام جي جان مال جي تحفظ جا پئسا، صحت، تعليم، روزگار جا پئسا، روڊن رستن، پلين، گهٽين، گندين نالين جي تعمير جا پئسا توهان جي عشرت ڪدن کي آباد ڇو ڪري رهيا آهن؟ هي جاگيردار، پوتار، وڏيرا جيڪي اقتدار جمع ٿي، "اسان کي حاڪميت جو آفاقي حق آهي" جا نعرا هڻن ٿا. انهن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي پير علي محمد راشدي جو ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" پڙهڻو پوندو. ان لاءِ اسان کي برٽرينڊ رسل جو ڪتاب History of western Philosophy ضرور پڙهڻو پوندو هن وقت وفاق سان يڪشمت ٿي سابقا حڪومت ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي جي رستا روڪ ڪري رهيل ڄڪو پاڻي جو به پنهنجي وڏيرن جي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ نوان منصوبا عمل ۾ آندا. جن تي نگران حڪومت ۾ به ڪم ٿي رهيو آهي ڪينجهر ڍنڍ مان ڪي فور، ڪي فائيو منصوبا جوڙي سڄي ٺٽي ضلعي کي ريگستان بڻايو ويو آهي. مٿان وري گهوڙاباري وٽ سنڌو درياهه تي سنڌ بئراج ناهڻ جا سانباهه ڪيا پيا وڃن. جاتايل ايريا ۾ ليفٽ بئنڪ توڙي رائيٽ بئنڪ ۾ پاڻي پهچڻ لاءِ بئراجي نظام اڳ ۾ موجود آهي هڪ ته انڊس رور سسٽم ۾ پاڻي جي پهچ يقيني بڻائي وڃي، اڳوڻن بئراجن ۽ شاخن جي ري ماڊلنگ ڪئي ته سنڌ بئراج جهڙي ڪنهن نئين هجا جي ضرورت ئي ناهي. هي ڊرامو پنجاب سان هلندڙ پاڻي جي تاريخي تڪرارن جو رخ موڙي ڪوٽڙي جي منڍ ۽ پيچڙ جي ساڪن کي ويڙهائڻ جي سازش آهي ۽ گڏوگڏ حڪمران ٽولي بيوروڪريسي ۽ ٻين قوتن جي ميگا ڪرپشن جو منصوبو آهي. ٻئي طرف سڄي ڪوهستاني پٽيءَ جون زمينون اڳوڻي سنڌ حڪومت ڪٿي ڏارين حوالي ڪيون آهن. ٽئين طرف ٿرڪول مان پيدا ٿيندڙ بجلي فيصل آباد منتقل ڪئي وئي آهي. تيل گئس جا ساليانو ڪربين روپيا وفاق سان ملي پڳت ڪري حڪومت ڪائي وئي. روزگار جا ڏگ بند، اسپتالون مقتل گاهه بڻيل. تعليم مڪمل بربادي جي ڪناري، انفراسٽرڪچر زبون حال، شهر ڳوٺ گندگي جا ڍير بڻيل. زهريلي پاڻي سبب ڪئنسر، ٽي بي، چمڙيءَ جي خرابي، ڪاري ڪامڻ جهڙيون مهلڪ بيماريون آدم بوءِ آدم بوءِ ڪري رهيون آهن. سڄي سنڌ ڌوهارين کي سپرد ڪئي وئي آهي. ڌوهه به هڪ موذي مرض آهي، ان جي باري ۾ ٿوري ڳالهه ٻولهه ڪري ٿا وٺون.

سائنس انسان جو اڀياس ٻن طريقن سان ڪندي آهي هڪ جسماني بناوت جو مطالعو جنهن کي ميڊيڪل سائنس چئبو آهي ۽ ٻيو انسان جي ذهن جو مطالعو جنهن کي علم نفسيات چئبو وڃي ٿو نفسيات هڪ فطري سائنس (Natural) سائنس آهي، جنهن ۾ ذهني حقيقتن ۽ ڪيفيتن جو اڀياس انهيءَ لحاظ کان ڪيو ويندو آهي ته اهي حقيقتون ڪهڙيون آهن ۽ ان لحاظ کان ته انهن کي ڪيئن هئڻ گهرجي، اها ئي خاصيت آهي، جيڪا ان علم کي معياري علم (Normative) ۾ سڃاڻپ ڪرائي ٿي نفسيات سائنس جي حيثيت سان انسان جي روين کي سمجهڻ، انهن کي ضابطو يا ڪنٽرول ڪرڻ ۽ انهن جي اڳڪٿي ۾ اسانجي مدد ڪندي آهي. انجو طريقيڪار تجربن تي مشتمل هوندو آهي.

ڏوهن جي نفسيات (Criminal Psychology):
هي علم نفسيات جي هڪ شاخ آهي جنهن ۾ ڏوهاري (Criminal) ماڻهن جي ذهنيت جو اڀياس ڪيو ويندو آهي ۽ هن ۾ ڏوهه جي نوعيت ۽ انجي سبب ۽ انجي سزا جي باري ۾ مسئلن تي غور ڪيو ويندو آهي، ڇو ته معاشري ۾ ڏوهه اڄڪلهه به هڪ لعنت ۽ گناهه سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان لاءِ سخت کان سخت سزا ڏيڻ انجو حل سمجهيو ويندو آهي پر حقيقت انجي ابتڙ آهي. هتي جديد علمي ادارن جا پڙهيل سياستدان به ڏوهارين جي پشت پناهي ڪري رهيا آهن. توهان جواهر لال نهرو جو پنهنجي ڌيءَ اندرا ڏانهن لکيل خطن جو ڪتاب پڙهيو آهي؟ جي ڪنهن وٽ نه هجي ته ڪوشش ڪري ڪيس ڪنهن ويجهي لائبريري مان متان ملي وڃي، ضرور پڙهجو
هاڻ اچون ٿا سنڌي ماڻهن طرف.

❋سنڌي اذيت سهڻ جا عادي ٿي ويا آهن
ان بيماري کي چوندا آهن "خود اذيت پسندي". طبعي لحاظ سان پاڻ کي اذيت ڏيڻ، خاص طور جڏهن حالات تي وس نه هلي.

❋ذهني لحاظ کان پريشاني ۾ مبتلا رهڻ جو عادي ٿي وڃڻ
سنڌ ۾ اڪثريتي عوام ذهني اذيتن سان سرجاءِ ڪري جيئڻ جو عادي ٿي ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جذبات جي انتها تي پهچي خودڪشي ڪرڻ، قبيلائي جهيڙا، پلاٽ، ڪارو ڪاري ۽ ڏوهه ڪرڻ به ان ڪيفيت جا مظهر آهن

تيل گئس قيمتي پٿر زراعت سامونڊي بندرن جي دولت سان مالامال هوندي به جڏهن 72 سيڪڙو ماڻهو ٻه ويلا ماني نه کائي سگهن ته ڇا اهي ذهني طور نيم پاڳل نه ٿيندا؟ اڄ سنڌين جي اڪثريت جي ان حالت تي پهچڻ جي ذميوار رياست سان گڏ پيپلزپارٽي پڻ آهي. رياست ۽ پيپلزپارٽي گڏجي سنڌ کي اهڙي "گئس چيمبر" ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، جتي ڪروڙين ماڻهو ٻوساٽجي ٻوساٽجي مري ويندا. اڄ سنڌين جو سڄو سوانيزي تي آهي. غربت، افلاس، ڪسمپرسي، محتاجي، هيڻائي، دربدري، ذلت ۽ رسوائي، نسل ڪشي اهي سڀ ڀيانڪ روپ ڏسڻ چاهيو ٿا ته ڪاري چاڻ کان گڏوءِ تائين سنڌ اچي ڏسو توهان کان ماضي جا سوڊان، ايٿوپيا، ڪانگو ۽ بوسنيا وسري ويندا. سياسي ڪاڪوڻن، جاگيردارن ۽ ڪرمنل ڪامورا شاهي گڏجي ايتري تباهي آندي آهي، جو تاريخ اگر رخ موڙيو ڪو انقلاب برپا ٿيو ته اسين اهو ڪرڻ تي مجبور ٿينداسين. جيڪو ڪامريڊ چي گويرا ڪيو ۽ ڪيو هو مون کي ندامت آهي ته پ پ جي نوجوان قيادت اهڙين سنگين حالتن ۾ به ان ٻار وانگر ٿي لڳي، جيڪا جنگي جهازن جي بمباريءَ سان تباهه ٿيل شهر جي ويران بازار جي گهٽيءَ ۾ لاٽون راند ڪيڏي رهي هجي، اڄ ان سنڌ کي ريگستان بڻايو آهي. هن کي ڏسي فراق جلال پوري جو شعر ياد ايندو اٿم:

تو اِدر اُدر کي نہ بات کر، يہ بتا کہ قافلا کيون لُٹا،
مجهي رهزنون سي گلانهين، تيري رهبري کا سوال هئي

سنڌ تي گذريل 15 سال وڏيرا سنڌ جا مغل بادشاهه بڻيل آهن. شاهي محلاتن ۾ هنن جي جنبش ابرو سان سج لهي ۽ ابري ٿو هو صرف اورنگزيب جهڙا ڪلور بادشاهه آهن پر ڪاش منجهن ڪو بهادر شاهه ظفر جهڙو شاعر بادشاهه به هجي ها، جنهن آخر ۾ رڙ ڪري چيو هو ته، "الا به گزرمين به يار جي در تي نصيب نه ٿي". يا اڪبر جهڙو سيڪيولر بادشاهه، جنهن هندستان ۾ يڪجهتي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هي رڳو جهانگير ۽ شهزادا سليم رهيا آهن. جيڪي زرق برق پوشاڪن ڀهرائن، بندوقن، گاردن ۽ گاڏين جي قطار سان عوام کي خوف ۾ مبتلا رکندا رهيا آهن. ان ۾ ئي سندن جياپو آهي. چند ذهني غريب ڏوڪڙن جا بکيا سندن قصيده گوئي ڪن ٿا. اهي جاهل آهن. ٽڪل آهن. نوٽن تي نچندا آهن. ماڻهن جي گهٽائي هنن کان ڪوڙهه جي مرض وانگر نفرت ڪري ٿي. اسٽيبلشمنٽ جي حضوري ۽ ابي ڏاڏي کان خدمتن جي صلي طور وڏيرا ستر سالن کان مظلوم رعيت جي مٿان حاڪميت ڪري رهيا آهن هنن ايتري دولت گڏ ڪئي آهي، جو هنن جا اينڊڙ ست نسل عياشين ۾ اڏائيندا ته به نه کٽندي. سنڌ دشمن بيوروڪريسي سان ملي پڳت ڪري عوام جي بجيٽ کائي اوڳرائي به نه ڏيڻ هنن جي خاص ادا آهي. سنڌ جي صحت، تعليم، روزگار جا پئسا ٻنا ڳيت جي ڳيهي ويا آهن. سنڌ جي تعمير نو پاڻي، صفائي ۽ شهرن جي پلاٽي جا اربين روپيا ذاتي تجورين ۾ ڀري رکيا اٿن. سنڌي ماني ڳيهي جا محتاج آهن. هي پنهنجي محلاتن کي واشنگٽن ڊي سي ناهيو ويٺا آهن هي جيڪي آرامده طول وهاڻن تي زندگي گذارين ٿا. عوام جي اڪثريت بک، اوگهڙ ۽ ذلت جو شڪار آهي حڪمرانن جي غضب حڪومت جي عجب ڪهاڻي ۾ ماڻهن وٽ اٽي لپ ناهي. هي روز قصر شاهي ۾ اعليٰ دشزنوش ڪن ٿا. پيٽ تي پٿر ٻڌي سمهن ٿا. هنن جا اربين روپين جي لاڳت سان ناهيل شاهي محل جي جو بائيڊن ڏسي ته چرڪي جئي ته اوهان هي هيترا وائيٽ هائوس هتي ٺهرايا آهن. ايترا پئسا ڪهڙي ڪاروبار مان ڪمائجن ٿا ته آئون رٽائرمينٽ کان پوءِ سنڌ سرڪار ۾ صلاحڪار ٿيڻ پسند ڪندس.

سنڌ جي سنڌي حڪمرانن "مڪلي نامون"، "تحفته الڪرام" ناهن پڙهيا، هنن "سنڌ مذهبن جي ماءُ" ناهي پڙهيو هنن آغا سليم جو "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" نظر مان ناهي ڪڍيو هنن سراج جو "مرڻ موسين آ" ۽ "تاريخ معصومي" ناهن پڙهيا. هنن پيرحسام راشدي جو "هو ڏوٿي، هو ڏينهن" ڪڏهن ملاحظ ناهي ڪيو جيڪڏهن ڪن ها ته سمجهن ها ته سنڌ جو ماضي ڇا هو ته ڄاڻن ها ته حڪومت ڪيئن ڪبي آهي. هنن جي اندر مرزا عيسيٰ ترخان جو روح آهي. ان ڪري مخدوم نوري جي علم جي روشني کان محروم آهن. توهان سمن جي صاحبي جي دور جو مطالعو ڪريو جام نظام دين سمون حاڪم هو پر سندس پاڻ لاءِ ڪپڙن جا ڪل ٻه وڳا هئا. جتي هاڻ ابدي آرامي آهي، اتي کليل دربار لڳندي هئي ۽ ماڻهن جا ڏک ٻڌندو هو ۽ ان شخص هڪ يتيم ٻارڙي مبارڪ علي کي پاليو ۽ سياسي بصيرت جي ڪري سنڌ جو وزيراعظم بڻايو جيڪو نواب دولت دريا خان جي اسم گرامي سان اڄ به تاريخ جي آسمان تي چنڊ جيان جمڪات ڪري رهيو آهي. اقتدار انڌو ٿيندو آهي. جيڪو پنهنجن پيارن جا لاش به ڪانئي ويندو آهي هندستان ۾ اورنگزيب پنهنجي پيءُ کي تخت ڪاڻ جيل ۾ وجهي، پنهنجي درويش صفت ڀاءُ دارا کي شهيد ڪرائي.

ان جي سسي ٿالهه ۾ رکي والد کي موڪلي پر اڄ هندستان ۾ مغلن جو نالو نشان متجي ويو آهي سرمد شهيد ۽ دارا ستارن جئين جرڪي رهيا آهن. پوتارن کي ياد رکڻ کپي ته توهان به سياڻي گمنام فاتحن وانگر مٽي جو اهڙو ڍير هوندا. جتي اينڊڙ پيڙهيون صرف عبرت حاصل ڪنديون. ان ڪري تاريخ کان ڊڄو. آئون حالتن جي نبض تي هٿ رکي چئي سگهان ٿو ته زوال توهان جي طرف تيزي سان وڌي رهيو آهي، شڪست توهان جي ڪنگرن کي ڪيرائڻ لاءِ آتي آهي، توهين ذلت جي کوهه ۾ ڪرڻ وارا آهيو اهو هٺ، ادمبس غرور، تڪبر پوليس پروٽوڪول اوهان کي ڪيسين آڪسيجن ڏيندا؟ اوهان جو پورو حساب قريب آهي، ڇو ته اوهان جي اقتدار جي لٽ انڌي وانگر هوا جي دوش تي هلي رهي آهي. هي تبديل ٿيل فضا نه صرف شروعات آهي عوامي انقلاب تيار ٿي رهيو آهي هي جنگ حق ۽ باطل جي جنگ آهي، جيڪا اوهان جي شڪست ۽ مظلوم عوام جي فتح تائين جاري رهندي اسين سمجهون ٿا ته اينڊڙ اليڪشن به يونگ آهي ان جا من پسند نتيجا نڪرندا. اصل واڳ ڌڻين سنڌ تي هڪ پيرو ٻيهر ساڳين چهرن کي مڙهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هن ملڪ ۾ غيرجانبدار ۽ شفاف اليڪشن صرف خواب آهي. سگهارا ادارا اڳوات نتيجا طئه ڪن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن محب وطن اميدوار، ڪنهن قومپرست، وطن پرست ۽ حقيقي عوام دوست ماڻهوءَ جو کٽي اچڻ ناممڪن آهي. اليڪشن ايتري مهانگي آهي. جو مڊل ڪلاس جو شخص مقابلي جو تصور به نٿو ڪري سگهي پر هن موقعي تي وري به سنڌي ماڻهو ووٽ وڏيرن کي ڏيڻ جي بجاءِ ڪنهن هڏڏوکي اميدوار کي ڏين. ڇو ته جڳائي لاءِ ڪوشش ڪرڻ وري به بهتر عمل آهي

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوئي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَرَ زَمان حبيبُ؛
تِڇي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

پي ٽي وي جو ڪلاسيڪل دور ۽ اڄڪلهه جا ڊراما

عبدالاحد گهنجو

اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ ٽيلي ويزن جي شروعات سن 1964ع ۾ ٿي. شروع شروع ۾ اسان وٽ ٽي وي جو رنگ بليڪ اينڊ وائيٽ هيو بعد ۾ ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ جئين ٽيڪنالاجي ترقي ڪئي تئين رنگين ڪلر جي ٽي وي به اسان جي ملڪ ۾ عام ٿيڻ لڳي. پر اها به حقيقت آهي انهيءَ دؤر ۾ ٽي وي صرف شهرن ۾ امير ماڻهن وٽ هوندي هئي ڳوٺن ۾ ته ورلي ماڻهن وٽ ٽي وي هوندي هئي ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ ته حال اهو هوندو هيو ڪو ڪنهن ڪنهن گهر ۾ ٽي وي هوندي هئي ۽ جڏهن ڪو ڊرامو شروع ٿيندو هيو ته پوءِ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو انهيءَ جي گهر ۾ هڪڙي جاءِ تي گڏ ٿيندا هئا ۽ گڏجي ويهي ڪري ڊرامو ڏسندا هئا. اصل ۾ ٽي وي آڻڻ جو مقصد اهو هيو ته ماڻهن کي انٽرٽينمنٽ ڏني وڃي جاڻ ڏني وڃي ۽ شعور ڏنو وڃي ۽ انهيءَ مقصد ۾ ٽي وي وارن کي اسان جي ملڪ ۾ ڀرپور ڪاميابي به ملي ۽ 1960 جي ڏهاڪي کان وٺي 1990ع جي ڏهاڪي تائين اسان جي ٽي وي ڊراما انڊسٽري ۽ فلم انڊسٽري جو سنهري دور ڳڻيو ويندو آهي هن دور ۾ اسان جي سڄي انڊسٽري کي وڏي پذيرائي ملي. اسان جو ملڪ جيڪو اسلام جي نالي تي ٺهيو آهي ۽ جنهن ۾ چئين صوبن جون مختلف ريتون رسمون ثقافت ۽ تهذيب پڻ آهي جيڪا اسان جي ملڪ جي سونهن ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏي ٿي. اسان جو ملڪ هڪ زرعي ملڪ به آهي جنهن جي 60٪ سيڪڙو آبادي ڳوٺن تي پڻ مشتمل آهي. ۽ ان ڪري وڌ ۾ وڌ ٽي وي شهرن جي نسبت ڳوٺن ۾ ڏٺي ويندي آهي شروع واري دور ۾ ته اسان جي ٽي وي تي سٺا ڊراما ڏيکاريا ويندا هئا جنهن سان نه صرف ماڻهو لطف اندوز ٿيندا هئا پر انهن کي اصلاح پڻ ملندي هئي ۽ ائين ئي ڪيترائي سماجي اخلاقي ثقافتي ۽ ديني پروگرام ڏيکاريا ويندا هئا جنهن سان ماڻهن ۾ سماجي ۽ مذهبي سجاڳي پڻ ايندي هئي ۽ اسان جي ملڪ ۾ ٽي وي وڏي شوق ۽ چاهه سان ڏٺي ويندي آهي ڇو ته پراڻي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اسان جا ماڻهو ٽي وي جي پروگرامن ۽ ڊرامن جي ڪردارن مان جلدي متاثر ٿي ويندا آهن ۽ انهن کي فالو پڻ ڪرڻ لڳندا آهن اصل ۾ شروع واري دور جي ڊرامن ۾ ۽ اڄڪلهه جي ڊرامن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي 1960ع کان وٺي 1990ع جي ڏهاڪي تائين جڏهن فقط هڪ پي ٽي وي چئنل هيو ته اسان جو اهو وقت سنهري ۽ ڪلاسيڪل دور هوندو هيو ۽ جڏهن 2000ع کان اسان جي ملڪ ۾ پيمرا جي شروعات ٿي ۽ اسان وٽ پرائيويٽ چئنلن عام جام ٿيڻ لڳا ته اسان جو سونهري دؤر ختم ٿي ويو ۽ اسان جديد دور ۾ به پوئتي پئجي ويا سين ۽ پنهنجو اصل ڊرامن جو ڪلاس وڃائي ويٺا سين. اسان جي پي ٽي وي جي پراڻي دور جي ڊرامن جو ڪلاس پوري دنيا ۾ مشهور هيو ۽ انهن ڊرامن کي هرجڳهه تي فالو پڻ ڪيو ويندو هيو ڇو جو انهن ڊرامن ۽ ڪردارن ۾ انٽرٽينمنٽ سان گڏ ماڻهن کي مثبت اصلاح پڻ ملندي هئي جنهن سان انهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ به سٺو اثر پوندو هيو پر افسوس اڄڪلهه جي ڊرامن ۾ اهڙيون شيون گهٽ ڏسڻ ۾ ملن ٿيون اڄڪلهه جا ڊراما صرف گهريلو ويڙهه جهيڙ مغربي ۽ انڊين ڪلچر يا اسٽيٽس ۽ ڪلاس ڊفرينس تي ٺهن ٿا جنهن ۾ مرچ مسالو ۽ انٽرٽينمنٽ ته گهڻي پاڻي هوندي آهي پر افسوس ڪا اصلاح ايڏي ڏسڻ ۾ نه ملندي آهي جنهن سان اسان جي معاشري ۽ ملڪ ۾ ڪا مثبت تبديلي اچي سگهي. اڄڪلهه جو دؤر جديد ۽ الٽرا ماڊرن دور آهي ۽ اڄڪلهه جي جنريشن وڌيڪ تيز ۽ چست آهي انهن جي سوچ پراڻي دور جي ماڻهن کان ڪافي مختلف آهي اها جنريشن جديد دور جي طرز تي هلڻ پسند ڪري ٿي پر جيڪڏهن انهن کي ميڊيا ۽ سٺن ڊرامن ذريعي اصلاح ڪئي وڃي ته اهي زندگي ۾ اڃا وڌيڪ ترقي ڪري سگهندا. اسان جي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي طاقت اسان جو پنهنجو مذهب اسلام آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اسان جي ملڪ جو ڪلچر اسان جي لاءِ هڪ فخرجي ڳالهه آهي جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪلچر ۽ دين کي پنهنجن ڊرامن ۾ سٺي نموني پروموٽ ڪيون ته شايد اسان پنهنجو پراڻو ڪلاسيڪل وقار ٻيهر واپس ماڻي سگهون ٿا

بقايا ❋❋❋ **01**

۾ جلسا ۽ ڪنونشن ڪرڻ جي به اجازت ناهي ۽ پارٽي جي مرڪزي، صوبائي ۽ مقامي قيادت گرفتاريا ڪيسن کي منهن ڏئي رهي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته نگران حڪومت غير جانبدار ناهي رهي پر پي ٽي آءِ مخالف آهي. موجوده گورنر جي موجودگي ۾ شفاف چونڊن جو امڪان ناهي جڏهن ته اليڪشن ڪميشن به چونڊن جي اعلان ۾ غيرآئيني دير ڪئي. درخواست ۾ گذارش ڪئي وئي آهي ته گورنر کي شفاف اليڪشن ڪرائڻ واري عمل ۾ مداخلت کان روڪيو وڃي. صوبي ۾ صاف ۽ شفاف چونڊون جڊيشل آفيسرن جي نگراني ۾ ڪرايون وڃن. درخواست ۾ وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، گورنر ڪي پي، اليڪشن ڪميشن، خيبريونين آف جرنلسٽس ۽ پشاور پريس ڪلب کي ڌر بڻايو ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ **02**

آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ به اڄ ڊالر جي ملهه ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. هڪ ڊالر 50 پئسا سستو ٿي 289 رپين جو ٿي ويو.

بقايا ❋❋❋ **03**

آهي. ملڪ کي نئين سياست ۽ نئين قيادت جي ضرورت آهي. هن چيو ته عوام نفرت ۽ ورهاڱي واري سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب عوام پاڻ کي اڄ لاوارث سمجهي رهيو آهي. پيپلزپارٽي عوام جي وارثي ڪندي. پنهنجي خطاب دوران بلاول چيو ته پيپلزپارٽي وٽ غربت جي خاتمي جو وسيع پلان آهي. اسان اهڙا منصوبا آڻينداسين جنهن سان هر طبقي کي فائدو پهچندو. هن چيو ته خيبر پختونخواهه جو عوام اسان کي ووٽ ڏئي. صوبي جا سمورا مسئلا حل ڪري ڏيکارينداسين. سندس چوڻ هو ته موقعو مليو ته اينڊڙ پنج سالن دوران پگهارون ٻيڻيون ڪنداسين. پ پ عوام جي خدمت ڪئي آهي. عوام کي سڀ کان وڌيڪ روزگار اسان جي دور ۾ مليو. هن چيو ته پ پ وٽ پلان آهي ته عوام کي ڪيئن رليف ڏياري سگهون ٿا. اسان کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ اضافو ڪرڻو پوندو. اسان اهڙا منصوبا آڻينداسين جنهن تحت هر طبقي کي فائدو ٿئي. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته هارين کي رليف لاءِ ڪسان ڪارڊ متعارف ڪرايو ويندو. جيستائين عوام جي ووٽ کي عزت نه ڏني ويندي پاڪستان ترقي نه ٿو ڪري سگهي.

بقايا ❋❋❋ **04**

ماليت 80 لک رپيا آهي جڏهن ته انوارالحق ڪاڪڙ وٽ پاڪستان چاغي لميٽيڊ ۾ 50 هزار رپين جا شيئرز آهن. ان کانسواءِ نگران وزيراعظم 10 تولا سون جي قيمت 80 هزار رپيا ظاهر ڪئي آهي. هن وٽ 2 بينڪن ۾ 2 ڪروڙ 20 لک رپين کان وڌيڪ رقم موجود آهي جڏهن ته نگران وزيراعظم پنهنجي گهر جي فرنيچر جي ماليت 4 لک رپيا ظاهر ڪئي آهي. وفاقي وزيرن جي اثاثن جي ماليت ناڻي واري نگران وفاقي وزير شمشاد اختر ڪراچي ڊي ايڇ اي فيز 6 ۾ 40 لک رپين جي گهر ۽ ڊي ايڇ اي ۾ 1 پلاٽ جي قيمت 25 هزار ظاهر ڪئي آهي. ناڻي واري وزير 2 اراضيون پيءُ کان گفٽ ملڻ ظاهر ڪيون آهن جڏهن ته هن 2 ارب 79 ڪروڙ رپين جو نئون پاڪستان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو آهي. شمشاد اختر پي ايس او ۾ 3 لک رپين کان وڌيڪ شيئرز جي مالڪ آهي جڏهن ته هڪ بينڪ ۾ 9 لک 47 هزارن جي سيڙپڪاري به ڪئي آهي. شمشاد اختر تي بلز جي مد ۾ 10 ڪروڙ 96 لک رپيا ظاهر ڪيا آهن. ٽي ڊي آر بينڪ الحبيب ۾ 2 ڪروڙ 41 لک رپيا ظاهر ڪيا آهن جڏهن ته هن وٽ رڳو 2 لک رپين جو سون ۽ 19 لک 46 هزار رپيا روڪ رقم آهي. نگران ناڻي واري وزير وٽ بينڪن ۾ 39 لک 24 هزار رپيا آهن جڏهن ته سندس فرنيچر جي ماليت 2 لک رپيا آهي. گهرو وزير سرفراز بگٽي نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي جي سامهون آيل اثاثن جي تفصيلن مرجب هن وٽ ملتان ۾ 2 ڪينال جو گهر آهي جنهن جي ماليت 1 ڪروڙ رپيا آهي جڏهن ته هن وٽ ملتان يونائيٽيڊ مال ۾ 2 ڪروڙ 50 لک رپين جو فليٽ به آهي. سينيٽر سرفراز بگٽي وٽ اسلام آباد ۾ 3 ڪروڙ 12 لک رپين جو گهر جڏهن ته ڪوئيٽا ۾ هڪ ڪروڙ رپين جو پلاٽ به آهي. گهرو وزير جا 50 لک رپين جا بگٽي سي اين جي سوئي ۾ 50 سيڪڙو شيئر آهن جڏهن ته 2010 ماڊل جي هڪ گاڏي اٿس جنهن جي قيمت 1 ڪروڙ 2 لک رپيا ظاهر ڪئي وئي آهي. سرفراز بگٽي وٽ 67 لک 98 هزار رپيا روڪ رقم جڏهن ته بينڪ ۾ 6 لک 35 هزار رپيا آهن. هن وٽ موجود فرنيچر جي ماليت 68 لک رپيا آهي. سرفراز بگٽي پنهنجن اثاثن ۾ 90 اٺ، 8 هزار 870 رڍون، 4 هزار 60 ٻڪريون، 400 ڳئون، 80 ڦر ۽ 86 مينهون ظاهر ڪيون آهن. سندس لائيو اسٽاڪ جي ماليت 6 ڪروڙ 97 لک رپيا آهي. نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي سنڌ سماءِ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي جي اثاثن جا تفصيل به سامهون اچي ويا آهن. جاري ڪيل دستاويزن موجب نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي 2 ڪروڙ 32 لک رپين جي اثاثن جو مالڪ آهي. هن وٽ 1 ڪروڙ 27 لک رپيا جڏهن ته سندس زال وٽ اسلام آباد ۾ 2 گهر 31 لک رپين جا ۽ 18 لک ڪيش آهن. دستاويز ۾ ٻڌايو ويو ته مرتضيٰ سولنگي وٽ بينڪ ۾ 3 لک 19 هزار، زال وٽ 1 لک 57 هزار رپيا آهن نگران وفاقي وزير 4 تولا سون جي قيمت 70 هزار رپيا ۽ 26 لک 93 هزار رپيا ڪيش ظاهر ڪيو آهي جڏهن ته سندس گهر جي فرنيچر جي ماليت 10 لک رپيا ظاهر ڪئي وئي آهي

وڌيڪ اهو ته نگران وفاقي وزير وٽ ايس ايم سي پرائيويٽ لميٽيڊ ۾ 25 هزار رپين جا شيئرز آهن مرتضيٰ سولنگي سايا 12 لک رپين جي گاڏي جو مالڪ آهي.

بقايا ❋❋❋ **05**

خابرو اداري کي انٽرويوءَ ۾ صدر چيو ته عدليا، انتظاميه ۽ سياسي اڳوان چونڊون وقت سر ڪرائڻ تي متفق آهن. ونڊن جي تاريخ تي ڪا به ڪوتاهي ناهي ڪئي. اتفاق راءِ سان اليڪشن جي تاريخ تي سپريم ڪورٽ کي ساراهيان ٿو عارف علوي چيو ته نواز شريف وزيراعظم چونڊيو ويو حلف جون گهرجون پوريون ڪندس، سياستدان انتظاميا ۽ اسٽيبلشمينٽ گڏجي ڪم ڪندا ته مسئلا حل ٿي سگهن ٿا جڏهن ته ليول پليئنگ فيلڊ مهيا ڪرڻ اليڪشن ڪميشن ۽ حڪومت جي ذميواري آهي پي ٽي آءِ جي خدشن ڏانهن خط لکي حڪومت جو ڌيان ڇڪايو، حڪومت ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ جي خاطري ڪرائي آهي. صدر چيو ته اليڪشن شفاف بڻائڻ لاءِ آئين صدر کي عملي قدم جي اجازت نه ٿو ڏئي. معاملن تي حڪومت جو ڌيان ڇڪائڻ کانسواءِ ٻيو رستو ناهي ڇو ته صدر وٽ انتظامي اختيار ناهن. پر صدر طرفان آڏاريل نڪتا تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. اميدون پنهنجي جاءِ تي پر ڪو اهڙو قدم نه ٿو کڻي سگهان جنهن جي آئين ۾ اجازت نه آهي. هن چيو ته فوج ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين وچ ۾ ناهه ۾ ناڪاميءَ جا ڪيئي ڪارڻ هئا جڏهن ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي اليڪشن ۾ شموليت جو فيصلو عدالت ۾ آهي. عارف علوي چيو ته ڪنهن جماعت جو نه هر پاڪستاني جو ترجمان آهيان جڏهن ته نو مئي جي مذمت ڪري چڪو آهيان ۽ تشدد واري سياست تي يقين نه ٿو رکان پر حڪومتن کي به گهرجي ته اهڙيون حالتون پيدا نه ڪن جو احتجاج تشدد ۾ تبديل ٿي وڃي. صدر چيو ته عام شهرين جي فوجي عدالتن ۾ ڪيسن وارو معاملو عدالت ۾ آهي. نو مئي ڪيس جي فوجي عدالتن ۾ ٻڌڻي تي وقت کان اڳ راءِ نه ٿو ڏئي سگهان. پناهگيرن بابت عارف علوي چيو ته دنيا پناهگيرن جو بوجهه گهٽائڻ ۾ پاڪستان جي مدد ناهي ڪئي. غيرقانوني پناهگيرن جي واپسي جو فيصلو مناسب قدم آهي. معيشت هاڻ پناهگيرن جو بار وڌيڪ کڻڻ جي سگهه نٿي رکي. ايپيڪس ڪميٽي غيرقانوني افغانين جي واپسي واري فيصلي تي نظرثاني ڪري سگهي ٿي.

بقايا ❋❋❋ **06**

وڃي چڪا آهن. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 31 آڪٽوبر تي ڊيڊ لائين ختم ٿيڻ کان پوءِ غيرقانوني افغان پناهگيرن جي ملڪ واپسي جو سلسلو جاري آهي ۽ هيستائين 2 لک 28 هزار 574 غيرقانوني افغان پناهگير پنهنجي شهرن طرف واپس وڃي چڪا آهن. ترجمان چيو ته پاڪستان جي حڪومت غيرقانوني طور تي پاڪستان ۾ رهندڙ پرڏيهين جي محفوظ واپسي جي لاءِ عملي قدم کنيا آهن. افغان شهرين جي باعزت طريقي سان افغانستان واپسي جي لاءِ ٻين قدمن کان علاوه انهن جي عارضي رهائش جي لاءِ مختلف ضلعن ۾ سمورين سهوليتن سان ٽرانزٽ ڪيمپس قائم ڪيا ويا آهن. طورخم ۽ چمن بارڊر تان روزاني جي بنياد تي هزارين افغان شهري پنهنجي ملڪ طرف واپس وڃي رهيا آهن. پرڏيهي آفيس جي ترجمان وڌيڪ چيو ته نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 11 نومبر تي رياض ۾ او آءِ سي ۽ عرب ليگ جي گڏيل اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي خطاب ۾ غزه ۾ جاري اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪئي. نگران وزيراعظم غزه ۾ فوري جنگبندي جو مطالبو ڪيو ۽ فلسطيني عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. جڏهن ته والاريل ڪشمير ۾ به ڀارت جا ظلم جاري آهن ترجمان چيو ته پاڪستان اسرائيل طرفان غزه ۾ اسپتالن مٿان حملن جي مذمت ڪري ٿو عالمي برادري کان مطالبو ڪريون ٿا ته غزه ۾ اسپتالن تي اسرائيلي حملن جو نوٽيس وٺي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي اسرائيل کي ذميوار قرار ڏئي.

بقايا ❋❋❋ **07**

تي ڏنو جنهن ۾ ماضيءَ جي پرتشدد واقعن جي حوالو ڏني مستقبل لاءِ وارننگ ڏني وئي هئي. پر اٽڪل پنج سال گذرڻ باوجود حڪومتن عدالتي فيصلي تي عملدرآمد نه ڪيو حڪمنامي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته فيض آباد ڌرڻي جي فيصلي خلاف نظرثاني درخواستون داخل ٿيون جيڪي ٻڌڻي لاءِ مقرر نه ڪيون ويون جنهن سبب عدالتي فيصلي تي عملدرآمد نه ٿيو. سپريم ڪورٽ چيو ته فيض آباد ڌرڻي ڪيس جي فيصلي کي نظر ۾ رکي نه ڪنهن کي ذميوار قرار ڏنو ويو نه ئي تشدد احتجاج تي احتساب ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ قوم کي 9 مئي وارا واقعا ڏسڻا پيا. سپريم ڪورٽ حڪمنامي موجب، شيخ رشيد جي وڪيل چيو ته نظرثاني درخواست واپس وٺڻ چاهيان ٿو. عدالت هر هڪ پڇيو ته درخواست داخل ڇو ڪئي، شيخ رشيد جي وڪيل جواب ڏنو غلط فهمي سبب درخواست داخل ڪئي. حڪمنامي ۾ چيو ويو آهي ته تعجب آهي ته اهڙو سياستدان جيڪو ڏکي عرصي تائين پارليامينٽ ميمبر ۽ وفاقي وزير جهڙي اعليٰ منصب تي رهيو ان کي غلط فهمي ٿي وئي، جنهن سبب نظرثاني درخواست داخل ڪئي. عدالت پڇائو ڪيو ته ڇا شيخ رشيد نظرثاني درخواست ڪنهن جي چوڻ تي داخل ڪئي؟ جواب ورجايو ويو ته نظرثاني درخواست غلط فهمي جي بنياد تي داخل ڪئي. عدالتي حڪمنامي ۾ نئون انڪشاف سامهون آيو آهي ته جنهن موجب 25 اپريل 2019ع تي اڳوڻي چيف جسٽس آصف سعيد کوسه جي هدايت تي درخواستون ڪاز لسٽ مان ڪڍيون ويون. حڪمنامي ۾ چيو ويو آهي ته نظرثاني درخواستون ٻڌڻي لاءِ مقرر نه ٿيڻ تي لاڳاپيل عدالتي اختيارين کان پڇائو ڪيو ويو. ايڊيشنل رجسٽرار فيڪچر ۽ ايڊيشنل رجسٽرار جڊيشل پنهنجي، پنهنجي رپورٽ ڏني. جنهن موجب، 25 اپريل 2019ع تي نظرثاني درخواستون فائنل ڪاز لسٽ جي ڊرافٽ ۾ منجهند 1 لڳي 12 منٽن تي شامل ٿيون. ساڳي ئي ڏينهن رڳو 5 ڪلاڪن ڪانپوءِ ٽڏوهڪي چيف جسٽس آصف سعيد کوسا جي هدايت تي شام 5 لڳي 6 منٽن تي اهي درخواستون فائنل ڪاز لسٽ مان ڪڍيو ويون.

بقايا ❋❋❋ **08**

فلحال رئيل اسٽيٽ ريٽيلرز سميت مختلف شعبن ۾ واڌو ٽئڪس لڳائڻ جو فيصلو ناهي ٿيو. ناڻي واري وزير چيو ته ايف بي آر جا 9415 ارب رپين جي ٽئڪس اوڳاڙي بهترين ترجيح آهي. جيڪڏهن ٽئڪس اوڳاڙي ۾ ڪو شارٽ فال ٿيو ته پوءِ اضافي قدمن بابت سوچينداسين. حڪومت هڪ ڏهائي پنج ارب ڊالر جا انٽرنيشنل بانڊ جاري ڪرڻ جو فيصلو ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو ته آءِ ايم ايف سان معاهدي کانپوءِ ريٽنگ ۾ بهتري ايندي. ان کانپوءِ بانڊ جاري ڪرڻ تي غور ڪيو ويندو. هلندڙ مالي سال عالمي بئنڪ مان ارب ڊالرز فنڊ ملڻ جو امڪان آهي. اي ڊي بي، اسلامي ترقياتي بئنڪ ۽ ايشيائي انفراسٽرڪچر بئنڪ وٽان به مجموعي هڪ ارب ڊالر ملڻ جو امڪان آهي. هن چيو ته پاڪستاني معيشت ۾ بهتري آئي آهي، وڌيڪ بهتري لاءِ گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو. پاڪستان جو آءِ ايم ايف جي پروگرام ۾ رهڻ ضروري آهي. ان کان اڳ ڊي فيچر سميٽ کي خطاب ڪندي نگران ناڻي واري وزير شمشاد اختر جو چوڻ هو ته آءِ ايم ايف سان معاهدي تحت توانائي جي قيمت گهٽتائي ويندي. هن چيو ته اسٽيٽ بئنڪ جا متا سٺا ناڻي جا ذخيرا چار ارب مان وڌي ست ارب ڊالر کان وڌي ويا آهن. نگران حڪومت جو ڪم معيشت ۾ استحڪام آڻڻ ۽ آءِ ايم ايف پروگرام تي عمل ڪرائڻ هيس. پروگرام تي عمل ڪانپوءِ آءِ ايم ايف سان ست ارب ڊالرز جي قسط وٺي آهي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نگران وفاقي وزير چيو ته آءِ ايم ايف سان وڌيڪ ست سئو ملين جي فراهمي جو اسٽاف ليول معاهدو به ٿيڻو آهي. توانائي واري شعبي ۾ بهتري ۽ خرچ گهٽائڻ بابت پاليسي آڻي رهيا آهيون. سيڙپڪاري جي حاصلات ۽ وڌيڪ نوڪريون ڏيڻ لاءِ به ڪوشش ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت ٽئڪس اوڳاڙي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ ايف بي آر جي نظام ۾ بهتري لاءِ اپاءَ وٺي رهيا آهيون. ٽئڪس بيس کي وڌائڻ لاءِ جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجي لاڳو ڪري رهيا آهيون. جنهن ذريعي ٽئڪس اوڳاڙي ۾ اضافو ٿيندو. ٽيڪنالاجي جي استعمال سان ٽئڪس چورن ۽ نان فائلرز جي نشاندهي ۾ آساني ٿيندي.

بقايا ❋❋❋ **09**

رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، ملڪ ۾ في تولو سون 500 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ 2 لک 14 هزار 300 رپين جي ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون جي قيمت 428 رپيا گهٽجڻ بعد 83 هزار 728 رپيا آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 2 ڊالر گهٽتائي کانپوءِ 1966 ڊالرز جو ٿي ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ **10**

هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري اڳوڻي وزير مريم اورنگزيب ۽ جاويد لطيف جي خلاف مختلف شهرن ۾ داخل ڪيل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. پشاور ۾ مريم اورنگزيب ۽ پي ٽي وي ملازمن جي خلاف ڪيسن جي مدعي عدالت ۾ پيش ٿي وڌيڪ ڪارروائي نه ڪرڻ جو بيان ڏئي ڇڏيو ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر چيو ته جاويد لطيف جي خلاف گرين ٽائون ٿاڻي لاهور جي ڪيس ۾ چالان جمع ڪرايو ويو آهي. ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر چيو ته پشاور ۾ مريم اورنگزيب جي خلاف داخل ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن منتقل ٿي چڪو آهي جنهن تي ايف آءِ اي اختيارين چيو ته ايف آءِ اي طرفان لاڳاپيل ڪيس جي انڪوائري کي بند ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ درخواستن تي ٻڌڻي جنوري 2024 تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❋❋❋ **11**

اين اي ساجد مهمند سميت سمورن 23 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏيو جوابدارن ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 4 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ۽ استغاثه کان گواهه به طلب ڪري ورتا. پوليس موجب جوابدارن 9 مئي تي ضلعي مهمند ۾ مين غلنئي روڊ کي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو هو هنن سيڪيورٽي فورسز ۽ ٻين قومي ادارن جي خلاف چڙ ڏيارينڊڙ تقريرون ڪيون. جوابدارن جي خلاف غلنئي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي. پوليس جاچ مڪمل ڪري چالان عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو.

بقايا ❋❋❋ **12**

بشريٰ بي بي جي وڪيل چيو ته اسان جا جيترا به ڪيسز اوهان وٽ مقرر ٿيا انهن ۾ هڪ جهڙا فيصلا اچي رهيا آهن. استدعا آهي ته اسان جا جيترا به ڪيسز هن بينچ ۾ آهن انهن کي ڪنهن ٻئي هنڌ منتقل ڪيو وڃي. چيف جسٽس عامر فاروق ريمارڪس ڏنا ته اوهان نامناسب ڳالهه ڪري رهيا آهيو ائين نه ڪريو. ٺيڪ آهي ان کي به ڏسي ٿا وٺون. ائين نه آهي جيئن اوهان سمجهي رهيا آهيو، جيڪي به فيصلا آهن انهن کي اوهان چيلينج ڪري سگهون ٿا، ڪجهه اوهان چيلينج به ڪيا آهن. عدالت جي سامهون بينچ تي اعتراض جو ڪوبه سبب نه ٻڌايو ويو آهي، جنهن کان پوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بشريٰ بي بي جي استدعا تي بار ڪونسلز کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. عدالت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، سپريم ڪورٽ ۽ بار ڪونسلز کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا ۽ ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❋❋❋ **13**

جي آفيس ۾ ايڊيشنل گهرو سيڪريٽري خوشحال خان جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ چئني صوبن، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي چيف سيڪريٽريز، چيني سفير ۽ پاڪستان ۾ موجود چيني سيڙپڪارن شرڪت ڪئي

ذريعن جو چوڻ آهي ته سي پيڪ تي ڪم ڪندڙ چيني سيڙپڪارن ۽ عام شهرين جي سيڪيورٽي جي ايس او پيز کي روائز ڪيو ويو آهي ۽ چيف سيڪريٽريز کي هدايتون مليون آهن ته بلوچستان، ڪي پي ۽ پنجاب ۾ خاص طور چيني شهرين جي سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪئي وڃي. ذريعن موجب، ايڊيشنل گهرو سيڪريٽري چيني شهرين کي ايس او پيز تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي درخواست ڪئي آهي. چيني شهري لاڳاپيل ٿاڻي کي پنهنجي موجودگيءَ ۽ اچ وڃ بابت لازمي طور آگاهه رکندا. چيني شهري ۽ سيڙپڪار ڪٿي به اچڻ وڃڻ وقت بلٽ پروف گاڏي لازمي استعمال ڪندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته مسواڙ جي گهرن ۾ رهندڙ چيني سيڙپڪار ۽ شهري لاڳاپيل ٿاڻي ۾ فوري ۽ لازمي رجسٽريشن ڪرائيندا.

بقايا ❋❋❋ **14**

سٺا لاڳاپا رهيا آهن. ڪنهن به پريس ڪانفرنس جو نه چيو آهي. عدالت ۾ پيشي ٿيڻ دوران صحافين سان ڳالهيون ڪندي تحريڪ انصاف جي صدر پرويز الاهي چيو ته قسم کڻي چوان ٿو ته اڄ تائين مون کي ڪنهن به پريس ڪانفرنس جو نه چيو آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين مون سان گڏ پاسي واري سيل ۾ آهي. آءِ ايم ايف ۽ يورپي يونين جا ماڻهو عمران خان سان ملاقات ڪرڻ ايندا رهندا آهن هن چيو ته پي ٽي آءِ کي چونڊن دوران ايترا ووٽ پوندا جنهن جي ڪا به حد نه هوندي. (ن) ليگ وٽ لاهور سميت سموري ملڪ ۾ چونڊ وڙهڻ لاءِ ماڻهو نه آهن. اسان جا اسٽيبلشمينٽ سان هميشه سٺا لاڳاپا رهيا آهن پي ٽي آءِ جي صدر وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين سان گڏ بيٺل آهيان ۽ رهندس. چونڊن جي تاريخ سپريم ڪورٽ جي چوڻ تي ملي آهي. هن چونڊن ۾ ڌانڌلي نه ٿيندي. ٻئي پاسي چوڌري پرويز الاهي کي پنجاب اسيمبلي ۾ غيرقانوني ڀرتين جي معاملي ۾ 14 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي جوڊيشل مئجسٽريٽ عمران عابد جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت تحريڪ انصاف جي صدر کي گهر ڀاتين سان ملاقات جي اجازت ڏيندي سندس جوڊيشل ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا ❋❋❋ **15**

2 رپيا 4 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪانپوءِ 281 رپيا 34 پئسا في ليٽر ٿي وئي. ڊيزل قيمت ۾ ڇهه رپيا 47 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي جنهن ڪانپوءِ نئون اگهه 296 رپيا 71 پئسا في ليٽر مقرر ڪيو ويو آهي. ڪاسليٽ ڇهه رپيا 5 پئسا گهٽتائي ڪانپوءِ 204 رپيا 98 پئسا في ليٽر جڏهن ته لائيٽ ڊيزل قيمت ۾ نو رپيا هڪ پئسو گهٽتائي ڪانپوءِ 180 رپيا 45 پئسا في ليٽر ٿي وئي.

بقايا ❋❋❋ **16**

تحريڪ انصاف کي ورڪر ڪنوينشن ۽ جلسن جي لاءِ اجازت نه ڏيڻ تي داخل ڪيل توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي جسٽس اعجاز انور ۽ جسٽس ايس ايم عتيق شاهه تي ٻڌل پشاور هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ ڪئي. عدالت آءِ جي پوليس خيبرپختونخواهه ۽ ڊپٽي ڪمشنر مانسهره کي نوٽيس جاري ڪندي اينڊڙ ٻڌڻي تي جواب طلب ڪري ورتو. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل ايڊووڪيٽ شاهه فيصل اتمان خيل عدالت کي ٻڌايو ته پي ٽي آءِ مانسهره ۾ ورڪرز ڪنوينشن جي لاءِ انتظاميه کي درخواست ڏني پر اسان کي اجازت نه ڏني وئي. عدالتي حڪمن جي باوجود پي ٽي آءِ کي مانسهره ۾ ورڪرز ڪنوينشن جي اجازت نه ڏني وئي. اي اي جي دانيال چمڪني عدالت کي ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر ڊي پي او کي ويريفڪيشن جي لاءِ درخواست اماڻي پر ڊي پي او اجازت نه ڏني جنهن تي جسٽس اعجاز انور ريمارڪس ڏنا ته هي ته روڊ تي جلسو نه ڪري رهيا هئا هنن ڪمپائونڊ ۾ جلسو ڪرڻ چاهيو ٿي پوءِ اجازت ڇو نه ڏني وئي. عدالت طرفان اجازت ڏني وئي هئي ته جيڪڏهن هي بند جڳهه ۾ ڪنوينشن يا جلسو ڪرڻ چاهين ٿا ته ڪري سگهن ٿا. عدالت ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته 5 نومبر تي ڪنوينشن هو ۽ 30 آڪٽوبر تي ڊپٽي ڪمشنر کي درخواست ڏني ته اجازت ڏني وڃي. انتظاميه ڪنوينشن جي اجازت نه ڏني رات جو اسٽيج ڪرايو ويو ۽ پاڻ سان گڏ ڪرسيون به کڻي ويا. جنهن کان پوءِ عدالت آءِ جي ۽ ڊپٽي ڪمشنر مانسهره کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو ۽ ٻڌڻي 21 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❋❋❋ **17**

وزير قانون عمر سومرو خطاب ڪندي چيو آهي ته اسان مختصر وقت لاءِ صوبي جي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. معاشري کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان کي سوسائٽي کي مضبوط ڪرڻو پوندو سرڪار وٽ فنڊن جي ڪا به کوٽ ناهي. سندس چوڻ هو ته عوام کي نگران حڪومت مان اميد آهي ته شفاف اليڪشن ڪرائي. فاطمه ڦرڙو واقعو اسان لاءِ شرم جوڳو واقعو آهي. نگران حڪومت نينگري فاطمه ڦرڙو ڪيس جي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏيارينديون ته جيئن اهڙا ٻيهر واقعا جنم وٺي نه سگهن سندس چوڻ هو ته فاطمه ڦرڙو ڪيس ڊي اين اي ٽيسٽ ۾ صحت کاتي جي ڪوتاهي سبب ڊي اين اي ٽيسٽ دير سان پڌري ڪئي وئي پر فاطمه ڦرڙو جي وارثن ان ٽيسٽ کي رد ڪيو جنهن سبب ٻيهر ڊي اين اي ٽيسٽ جا جزا پنجاب موڪليا آهن. ڊي اين اي ٽيسٽ ۾ راڻي پور حويلي جي پير جا ڊي اين اي جزا ميچ ٿيا ته ڪيس نگران حڪومت معاف نه ڪندي. ان موقعي تي مهتاب اڪبر راشدي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته شهيد بينظير ڀٽو عورتن لاءِ وڏا ڪم ڪيا پر هن وقت جڏهن مظلوم عورت ٿاڻي تي انصاف لاءِ وڃي ٿي ته ٿاڻي دار مظلوم عورت کي چوندو آهي ته هو وڃي گهر وارن سان ناهه ڪري. سندس چوڻ هو ته وڌيڪ ڪميشن جوڙڻ جي ضرورت آهي. عورتن کي بااختيار بڻايو وڃي. ڪانفرنس کي اڳوڻي ايم اين اي نفيسه شاهه، شميم ممتاز ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ڪانفرنس ۾ سنڌ جي انساني حقن واري کاتي جي سيڪريٽري تحسين فاطمه انساني حقن جي ايڊيشنل سيڪريٽري فضل حسين اويسي، اقبال ڏيٿو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا ❋❋❋ **18**

کي پيرن ۾ لڳا، نه صرف مون پر منهنجي پوري خاندان پوڳيو اميد ڪيان ٿو ته ڪميشن اهڙو عملي ڪم ڪري جو قانون جي حڪمراني بحال ٿي سگهي جيڪي خدشا ۽ تحفظ هئا انهن بابت عدالت ۾ اظهار ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ❋❋❋ **19**

تفصيلي رپورٽ تيار ڪندي. جڏهن ته اها ڪميٽي حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ نوري آباد جي صنعتي سائيٽن جي بنيادي ڍانچي جي مسئلن يوٽيلٽي سروسز جي فراهمي، جنهن ۾ بجلي، گيس، پاڻي جي فراهمي، نيڪال، روڊن جي تعمير صفائي سترائي ۽ غير قانوني سرگرمين جي خاتمي لاءِ تجويزون ڏيندي. صنعت ۽ واپار واري سيڪريٽري عبدالرشيد سولنگي ان عزم کي ورجايو ته سنڌ صوبي ۾ ڪاروباري برادري کي سمورين سهولتن فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا ۽ هن ڪميٽي جي قيام جو بنيادي مقصد صنعتي زونن ۾ موجود بنيادي ڍانچي کي بهتر ڪرڻ سان گڏ سٺي بنيادي ضرورتن جي فراهمي آهي. هن چيو ته صوبي ۾ صنعتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ وڌيڪ نيون صنعتون لڳائڻ سان سنڌ صوبي جي عوام کي روزگار جا بهتر موقعا ملندا ۽ صوبي ۾ خوشحالي جو نئون سفر شروع ٿيندو

بقايا ❋❋❋ **20**

جا 7 ڪارڪن زخمي ٿي پيا. اسرائيلي فوج هڪ دفعو ٻيهر غزه جي الشفا اسپتال ۾ داخل ٿي وئي، اسپتال جي ڪجهه حصن کي تباهه ڪيو ويو آهي. بيسمنٽ سميت مختلف حصن ۾ تلاشي جي دوران نه يرغمالي مليا نه وري ڪين ڪنهن سرنگ جو نشان هٿ لڳو اسرائيلي فوج طرفان الشفا اسپتال مان حماس جا هٿيار ۽ وردين ملڻ جي دعويٰ ڪئي وئي پر اسرائيلي دعويٰ کي ڊاڪٽرن ۽ حماس ڪوڙو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. اسرائيلي فوج جي اڪائونٽ تان شاهدي جي طور تي پوسٽ ڪيل الشفا اسپتال جي وڊيو به ڊيليٽ ڪئي وئي ايڊيٽنگ ڪرڻ ۽ ڪجهه شيون لڪائڻ کان پوءِ ان کي ٻيهر نشر ڪرڻ سان اسرائيلي دعوائن تي شڪ وڌي ويا. الجزيره موجب الشفا اسپتال مان رپورٽنگ ڪندڙ آمريڪي ٽي وي جي رپورٽر ۽ اسرائيلي دعوائن ۾ به تضاد سامهون آيا آهن جڏهن ته قطر غزه ۾ اسپتال تي حملي جي عالمي جاچ تي زور ڏيندي الشفا اسپتال جي اندر اسرائيل جي تازي ڪارروائي کي جنگي ڏوهه قرار ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا ❋❋❋ **21**

سان گڏ هي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم اسسٽنٽ ڪمشنر سان گڏجي ڪيٽرن ٽي ڊيريز ۽ چانهه جي دڪانن جو معائنو ڪيو ڪيرم ڊٽرجنٽ ملڻ تي ڪيرجي دڪان تي ڏنڊ به لڳايو ويو الفلاح ڊيري تي 50 هزار، سومرو ملڪ شاپ تي 20 هزار ۽ عاليشان فوڊز تي 70 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو. جڏهن ته خان بروسٽ تي 50 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو ۽ باورچي خاني کي عارضي طور تي بند ڪيو ويو سنڌ فوڊ اٿارٽي جو لائسنس نه هجڻ تي خان بروسٽ تي ڏنڊ به لڳايو ويو. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم اسسٽنٽ ڪمشنر سان گڏ چانهه جي دڪان جو به معائنو ڪيو معائني دوران انهن دڪانن تي چانهه جي پتي کي معياري ملي. ان کان علاوه ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو آهي ته کاڌي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ان ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي گهرجي ته هو سنڌ فوڊ اٿارٽي کان نه رڳو لائسنس وٺن پر صفائي سٿرائي جي ضابطن تي سختي سان عمل ڪن ٻي صورت ۾ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا ❋❋❋ **22**

البم مين تيرا رليز ٿيو هو. اذان سميع جو نئون البم سال جي آخر ۾ رليز ٿيو هو. گلوڪار جي البم ۾ اٺ گيت شامل آهن ماءُ، نادان دل، بيبي، آپ هي رهتي دل ۾، حسن ي جان، همدم، من مرضي ۽ رنگ دي گيت شامل آهن اذان جي البم جو ٽريلر آڪٽوبر ۾ ريليز ڪيو ويو هو. جنهن ۾ مختلف ڪردارن کي ڏيکاريو ويو هو صنم سعيد، سائرا يوسف ۽ عينا خان ظهور ويڊيو ۾ موجود هئا. ٽريلر هڪ بصري طور تي متحرڪ موسيقي جي سفر لاءِ اسٽيج مقرر ڪيو. فنڪار جي مطابق AZAAN البم هڪ ذاتي سفر وانگر آهي جيڪو موسيقي ڏانهن مقرر ڪيو ويو آهي. مختلف آوازن کي ڳولڻ ۽ انهن کي پنهنجي ماضي جي واقف دهنن سان ملايو 'فلمي' موسيقيءَ ۾ مليل زندگيءَ جي وڏي جذبن لاءِ سندس محبت ۾ جڙيل هي البم مختلف احساسن سان ڳنڍڻ بابت آهي. "مان هميشه چوندس ته منهنجي موسيقي هميشه فطرت ۾ ڪجهه سوانح عمري هوندي، اهو هميشه توهان کي سڀ کان وڌيڪ حقيقي بصيرت ڏيندو جيڪو مان آهيان. ۽ هن البم سان، مون کي پسند آهي ته ان ۾ هڪ خاص بي ترتيبي آهي. جيڪڏهن آئون ان کي تمام گهڻو بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان يا ان کي ياتري ناهيو اهو اصل ۾ ان کان ٻري ٿي سگهي ٿو مان هن پيري تمام گهڻو لطف اندوز ٿي رهيو آهيان ته مان ڪجهه آزاد محسوس ڪري رهيو آهيان. "خان البم تي بحث ڪندي چيو فنڪار کي ساڳئي سوچ هئي جڏهن اهو هڪ خود عنوان البم ناهي رهيو هو "مون ان جو نالو 'اذان' رکيو، ڇاڪاڻ ته مون محسوس ڪيو ته اها تمام گهڻي گهري آهي. اهوئي هو جيڪو ان وقت مون محسوس ڪيو هو. جيڪڏهن ڪجهه به، اهو منهنجي جذبات جو هڪ بي ترتيب مجموعو آهي جيڪو مون گذريل ڪجهه سالن کان محسوس ڪيو. "هن شيئر ڪيو. AZAAN البم جي رليز جو سفر نادان دل سان شروع ٿيو، جنهن جي وڊيو لنڊن جي مشهور ايبي روڊ اسٽوڊيو ۾ رڪارڊ ڪئي وئي، ذاتي رابطي سان اڳتي وڌندي، خان هڪ بي ٽريڪ Maa جو هڪ ٽڪڙو شيئر ڪيو، هڪ پرفارمنس مان جيڪو هن پنهنجي ماءُ، زيبا بختيار جي سامهون. ٽڪ ٽڪ شو ۾ ڪيو هو. 12 نومبر تي البم رليز ٿيڻ کان اڳ، خان بيبي لاءِ هڪ ميوزڪ وڊيو رليز ڪيو. جيڪو فلم والا پڪچرز جي تعاون سان، نبيل قريشي جي هدايتڪاري ۽ فضا ميرزا پاران پروڊيوس ڪيو ويو، جنهن ۾ عينا خان شامل هئي. اهي شروعاتي رليز AZAAN البم جي متنوع پيليٽ ۾ هڪ جهلڪ ڏنيون آهن. جنهن ۾ مختلف صنفن ۽ موڊن کي وڪينڊ ٽريڪ شامل آهن.

بقايا ❋❋❋ **23**

ڪم ڪندي آهي ۽ تازو سانا طرفان مالي سهائتا سان سنڌس اداري ٻوڏ متاثرين لاءِ 126 هڪ ڪمري وارا گهر تعمير ڪرايا آهن.

بقايا ❋❋❋ **24**

جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارت پهچي ويا. انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل جو بورڊ اجلاس 18 نومبر تي ڀارت ۾ ٿيندو ذڪا اشرف ۽ سلمان نصير آءِ سي سي اجلاس ۾ شرڪت ڪندا، احمد آباد ۾ 19 نومبر تي شيڊيولڊ ورلڊ ڪپ فائنل پڻ ڏسندا.

بقايا ❋❋❋ **25**

سنڌ سرڪار سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائي ڇڏي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري. خبر موجب سنڌ سرڪار پاران سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل اپيل ۾ ڪارونجهر جو ڪيس وڙهندڙ ٿر جا ئي وڪيل ايڊووڪيٽ شنڪر لال ميگهواڙ، سيڪريٽري منرل اينڊ مائنز سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت، ڊائريڪٽر جنرل لائسنس اٿارٽي منرل اينڊ مائنز ڊپارٽمينٽ، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، ايس ايس پي ٿرپارڪر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر منرل اينڊ مائنز اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انوائرومينٽ ڊپارٽمينٽ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ مختيارڪار ننگرپارڪر ۽ ايس ايڇ او ننگرپارڪر کي ڌر بڻايو ويو آهي. وڪيل شنڪر لال ميگهواڙ موجب، سنڌ حڪومت پاران ڌرين کي جاري ڪيل نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته. ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي جي حوالي سان سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائي وئي آهي. واضح رهي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد، وڪيل شنڪر ميگهواڙ جي درخواست تي 5 سيپٽمبر 2023 تي محفوظ ڪيل فيصلو 19 آڪٽوبر 2023ع تي ٻڌائيندي ڪارونجهر جبل کي قومي ورثو قرار ڏنو هو بئنچ ۾ جسٽس محمد شفيع صديقي ۽ جسٽس ارشد حسين خان شامل هئا. سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ ڪارونجهر جبل کي ورلڊ هيريٽيج سائيٽ ۾ شامل ڪري لاڳاپيل ڌرين کي حڪم ڏنو هو ته ڪارونجهر جبل تي ڪا به ڪمرشل سرگرمي نه ڪئي وڃي، سيڪريٽري معدنيات ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ لاڳاپيل ادارا ان حڪم کي يقيني بڻائن. ڀڃڪڙي جي صورت ۾ سيڪريٽري معدنيات ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ايس ايڇ او ننگرپارڪر ذميوار هوندا. سنڌ هاءِ ڪورٽ جهنگلي جيوت کي حڪم ڏنو هو ته جهنگلي جيوت کاتو گيم سينچري کي بحال ڪري اتان جي جهنگلي جيوت جي تحفظ کي يقيني بڻائي. عدالت ڪارونجهر جبل تي فوري وڻڪاري مهم شروع ڪرڻ جو به حڪم ڏنو هو عدالت وڌيڪ حڪم ڏنو هو ته ڪارونجهر جبل تي موجود تاريخي عبادت گاهن جي حفاظت به يقيني بڻايو وڃي. ياد رهي ته عدالتي فيصلي کاتي سياحت ۽ ثقافت واري نگران صوبائي وزير چيو هو ته ڪارونجهر جبل سڄو هيريٽيج ناهي. ڪارونجهر ۾ موجود قديمي مندرن ۽ مسجدن واري علائقن کي هيريٽيج ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو باقي جبل ۾ گرينائيٽ پٿر موجود آهي. جن جي کوٽائي ڪري سگهجي ٿي.

بقايا ❋❋❋ **26**

سان گڏجي غير قانوني حدخلين هٽائڻ جو سلسلو جاري رکيو اي سي گارڊن پاران رنڇوڙ لائين، بوهراپير مارڪيٽ ۽ چاند بيبي روڊ تي غيرقانوني حدخليون هٽايون ويون. ايڊمنسٽريٽر ڪراچي، ڪي ايم سي، ڊي ايم سي ۽ پوليس جي حڪمن تي گذريل ڏينهن ڪراچي جي مختلف هنڌن تان غيرقانوني حدخليون هٽايون ويون. ايڊمنسٽريٽر ڪراچي پنهنجو موقف ڏيندي چيو ته ڪراچي ۾ جتي به غير قانوني حدخليون آهن انهن کي هٽايو ويندو ان حوالي سان ڊي سي سائوٿ جي هدايتن تي سختي سان عمل شروع ٿي چڪو آهي.

بقايا ❋❋❋ **27**

جي موجودگي جي اطلاع تي ٻڌر پير ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو جنهن ڪارروائي دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگردن ۾ ڪمانڊر سميع الله عرف شيناٽي، دهشتگرد ڪمانڊر سلمان احمد، دهشتگرد عمران محمد ۽ دهشتگرد حضرت عمر عرف خالد شامل آهن. سمورا دهشتگرد قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهربل هئا جن کان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ آيو. دهشتگرد علائقي ۾ ڀتہ خوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ سميت دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪاروائين ۾ سرگرم هئا. ٻيو آپريشن ضلع ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي ڪلاچي ۾ ڪيو ويو جتي دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران لانس نائيڪ محمد اعجاز خان شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب علائقي ۾ موجود ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي سڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا ❋❋❋ **28**

نواز شريف چيو ته اسان پاڪستان کي معاشي ڏکيائين کي سمجهون ٿا. اوهان سان سڌائين مشاورت ڪئي آهي ۽ مشاورت ذريعي ئي اڳتي وڌنداسين. هن چيو ته اسان جي جوڙيل پاليسين تي پاڪستان جي ڪاروباري برادري ڀرپور عمل ڪيو. اسان پاليسين کي ڀارت اختيار ڪيو ۽ معاشي ترقي حاصل ڪئي. هن چيو ته 2013ع کان 2017 دوران پاڪستان دنيا جي 24 معيشت بڻجي چڪو هو. اسان چار سال ڊالر کي 104 تي برقرار رکيو. جيڪڏهن اسان جي دور جي ترقي ۽ پاليسي جاري رهي ها اڄ ڊالر چاليهه يا پنجاهه رپين

بقايا ❋❋❋ **29**

وئي ته پوءِ آصف علي زرداري کي ملڪ جي صدر جي اميدوار نامزد ڪرڻ جو فيصلو پارٽي ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن خميس تي پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ وقار مهدي ۽ خورشيد جوڻيجو سان گڏ ميڊياس سان ڳالهائيندي چيو ته ايس يو پي جو اڳواڻ محبوب عباسي ساٿين سميت پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿي ويو. نثار کهڙي چيو ته پيپلزپارٽي عام چونڊون پنهنجي پليٽ فارم تان وڙهندي، جڏهن ته پيپلزپارٽي چونڊن ۾ ڪنهن سان اتحاد نه ڪندي ۽ اسان جو اتحاد عوام سان آهي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته اليڪشن ۾ جيڪڏهن ڪنهن پارٽي کي اڪثريت نه ٿي ملي ته گڏيل حڪومت ناهڻ جو آپشن موجود هوندو آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ 13 پارٽين اتحاد ڪيو آهي. ڇو ته ڪا به پارٽي اڪيلي سر پيپلزپارٽي جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. نثار کهڙو چيو ته رڳو هڪ پارٽي جي خلاف مختلف پارٽين جو اتحاد ٺهڻ ئي اليڪشن ۾ هار آهي. هن چيو ته تعصب وارين پاليسين ملڪ کي نقصان ڏنو لسانيت، فرقيواريت جي ڪري دهشتگردي کي منهن ڏنو ۽ پيپلزپارٽي مقامي چونڊن ۾ لسانيت فرقيواريت سان مقابلو ڪري ڪاميابي ماڻي. عام چونڊن ۾ ڀرپور ڪاميابي حاصل ڪنداسين. هن چيو ته ملڪ ۾ پارلياماني جمهوري نظام جو تسلسل ئي بهترين ڏانهن وٺي ويندو. نثار کهڙو چيو ته محبوب عباسي ۽ سندس ساٿين کي پارٽي ۾ ويلڪم ڪريون ٿا. ان موقعي تي محبوب عباسي چيو ته پيپلزپارٽي ملڪ جي وڏي جماعت آهي. قيادت تي اعتماد ڪري پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿي رهيو آهيان.

بقايا ❋❋❋ **30**

رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016ع منظور ڪرائي چڪي آهي. سيڪريٽري اطلاعات چيو ته معلومات تائين رسائي جي حق واري قانون سان معاملن ۾ شفافيت ۽ بهتري ايندي. هن چيو ته ان سلسلي ۾ آفيسرن کي لاڳاپيل قانونن کان آگاهه ڪرڻ ۽ انهن قانونن تحت پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ تربيتي سيشن منعقد ڪرڻ ۽ ان سيشن ۾ مختلف کاتن جي پبلڪ انفارميشن آفيسرن جي شرڪت هڪ مثبت عمل آهي. اهڙن خيالن جو اظهار اطلاعات سيڪريٽري سنڌ نديم ميمڻ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ اطلاعات تائين رسائي جي قانون بابت منعقد ڪيل تربيتي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي ڪيو. ورڪشاپ سنڌ انفارميشن ڪميشن پاران ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو تقريب ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي پبلڪ انفارميشن آفيسرن ۽ انساني حقن جي تنظيمن سان لاڳاپيل عورتن ۽ مردن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ انفارميشن ڪميشن جي چيف انفارميشن ڪمشنر ڊاڪٽر جاويد علي، انفارميشن ڪمشنر ايڊووڪيٽ صائمه آغا، انفارميشن ڪمشنر شاهد عباس جتوئي، ڪراچي يونيورسٽي ڊپارٽمينٽ آف انٽرنيشنل رليشنز جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر نوشين وصي، ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڪاشف علي، اڳوڻو وائيس چانسلر محمد علي جناح يونيورسٽي ڊاڪٽر محمد علي شيخ، ڊاڪٽر رضا گرديزي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا ❋❋❋ **31**

پروڊيوس ڪيو ويو، جنهن ۾ عينا خان شامل هئي. اهي شروعاتي رليز AZAAN البم جي متنوع پيليٽ ۾ هڪ جهلڪ ڏنيون آهن. جنهن ۾ مختلف صنفن ۽ موڊن کي وڪينڊ ٽريڪ شامل آهن.

بقايا ❋❋❋ **32**

۾ جلسا ۽ ڪنونشن ڪرڻ جي به اجازت ناهي ۽ پارٽي جي مرڪزي، صوبائي ۽ مقامي قيادت گرفتاريا ڪيسن کي منهن ڏئي رهي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته نگران حڪومت غير جانبدار ناهي رهي پر پي ٽي آءِ مخالف آهي. موجوده گورنر جي موجودگي ۾ شفاف چونڊن جو امڪان ناهي جڏهن ته اليڪشن ڪميشن به چونڊن جي اعلان ۾ غيرآئيني دير ڪئي. درخواست ۾ گذارش ڪئي وئي آهي ته گورنر کي شفاف اليڪشن ڪرائڻ واري عمل ۾ مداخلت کان روڪيو وڃي. صوبي ۾ صاف ۽ شفاف چونڊون جڊيشل آفيسرن جي نگراني ۾ ڪرايون وڃن. درخواست ۾ وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، گورنر ڪي پي، اليڪشن ڪميشن، خيبريونين آف جرنلسٽس ۽ پشاور پريس ڪلب کي ڌر بڻايو ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ **33**

سان گڏجي غير قانوني حدخلين هٽائڻ جو سلسلو جاري رکيو اي سي گارڊن پاران رنڇوڙ لائين، بوهراپير مارڪيٽ ۽ چاند بيبي روڊ تي غيرقانوني حدخليون هٽايون ويون. ايڊمنسٽريٽر ڪراچي، ڪي ايم سي، ڊي ايم سي ۽ پوليس جي حڪمن تي گذريل ڏينهن ڪراچي جي مختلف هنڌن تان غيرقانوني حدخليون هٽايون ويون. ايڊمنسٽريٽر ڪراچي پنهنجو موقف ڏيندي چيو ته ڪراچي ۾ جتي به غير قانوني حدخليون آهن انهن کي هٽايو ويندو ان حوالي سان ڊي سي سائوٿ جي هدايتن تي سختي سان عمل شروع ٿي چڪو آهي.

بقايا ❋❋❋ **34**

هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري اڳوڻي وزير مريم اورنگزيب ۽ جاويد لطيف جي خلاف مختلف شهرن ۾ داخل ڪيل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. پشاور ۾ مريم اورنگزيب ۽ پي ٽي وي ملازمن جي خلاف ڪيسن جي مدعي عدالت ۾ پيش ٿي وڌيڪ ڪارروائي نه ڪرڻ جو بيان ڏئي ڇڏيو ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر چيو ته جاويد لطيف جي خلاف گرين ٽائون ٿاڻي لاهور جي ڪيس ۾ چالان جمع ڪرايو ويو آهي. ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر چيو ته پشاور ۾ مريم اورنگزيب جي خلاف داخل ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن منتقل ٿي چڪو آهي جنهن تي ايف آءِ اي اختيارين چيو ته ايف آءِ اي طرفان لاڳاپيل ڪيس جي انڪوائري کي بند ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ درخواستن تي ٻڌڻي جنوري 2024 تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا سنڌيار 01

منگي دادو شهر ۾ سيارو اينڊي ٿي رولو ڪتن جي آزار وڌڻ جي ڪري ڪتا مار مهم شروع ڪري شهر جي مختلف يوسين جي انسپيڪٽرن جي نگراني ۾ ٽيم 60 رولو ڪتا ماري ڪتا مار مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 02

اڪرام الحاج پيرڪرم الله عرف دلبر سائين مانلي وارا، مولانا مفتي عبدالباسط صديقي خطيب جامع مسجد شاهجهان ٺٽو مولوي فضل الله جنگشاهي وارا، مولوي يامين جماري، حاجي رسول بخش بروهي عطاري، مفتي محمد شاڪر صديقي ۽ ٻين علماء اڪرامن وعظ ڪرڻ سميت نعت خوان گل منير عمراڻي، رياض احمد جاڪرو، محمد مشتاق منصبدار، محمد اويس جاڪرو جن نعت پڙهڻ جي سعادت ماڻي. ديني جلسي ۾ پ پ جي اڳواڻي ايم پي اي سيد رياض حسين شاه شيرازي مهمان خاص طور شرڪت ڪرڻ سميت حاجي خير محمد بروهي، ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ، DFOفاريسٽ سجاول سيد مدد علي شاه ڪاظمي، وڏيرو الهبخش عرف بابو بروهي، ڊاڪٽر عبدالواحد بروهي، شڪيل احمد بروهي، حاجي غلام رسول عرف رسولي بروهي، شاهنواز بروهي، شاهجهان بروهي، سردار شاهد بروهي، صحافي محمد ايوب ملاح، يار محمد بروهي، امجد بروهي سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي علماء اڪرامن هڪ الله ۽ ان جي رسول حضرت محمد صلعم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪرڻ سميت 5 وقت نماز ادا ڪرڻ جي هدايت ڪندي اسرائيل توڙي پارٽ جي جارحيت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته فلسطين ۽ ڪشمير ۾ مسلمانن جو بيگناهه رت وهائي انهن کي شهيد ڪري مسلمانن جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. ۾ مسلمان ملڪ خبر ناهي ڇو خاموش ٻڌيل آهن. هن مسلمان ملڪن تي زور ڀريو ته هو مسلمانن جي ڀرپور مدد ڪري انهن جي دشمنن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيئي مسلمانن جي ٿيندڙ نسل ڪشي کي روڪي ڪين تحفظ فراهم ڪرڻ سميت ملڪ مان مهانگائي، بيروزگاري، بدامني جو خاتمو آڻي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي. آخر ۾ ننگر نياز پڻ ڪرايو ويو. ديني جلسي جا انتظام انجمن نوجوانان بروهي برادري ڳوٺ وڏيرو حاجي نور محمد بروهي ضلعي ٺٽي پاران سنڀاليا ويا.

بقايا سنڌيار 03

حد جاڻي واسو ۾ ساوند سندراڻي تڪرار تان سندراڻي ۽ ساوند ڌرجي هٿياربندن پاران هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي وئي هئي جنهن جو سرڪاري مدعيت ۾ آندل سندراڻي ٿاڻي تي سندراڻي ڌرجي گلڻ، حفيظ، غفار، صاحب، پيروز، هزارو، تگر، شانو، بخت علي، شمشو، منان، رياض، خادم، سعيد، تندو، ۽ 22 نامعلوم جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته ساوند ڌرجي غلام مصطفيٰ، مولابخش، حاڪم علي، مياندات، الله داد، پيلو، پنهل، ميهوال، بهرام، سعيد، علي حسن، ۽ 18 نامعلوم جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو ڪيس ۾ فائرنگ ڪري دهشت پکيڙڻ سميت سيون اي ٽي اي جا ڪلم پڻ شامل ڪيا ويا پوليس موجب گهوٽڪي ضلعي اندر ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ نه ڏنو ويندو، جهيڙيندڙ ڌرين قانون جي پاسداري نه ڪئي ته انهن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

پاڻي ۾ ٻڏي ويا. ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج يارهين 11 ڏينهن به جاري مسلم ليگ ن جو ڊويزنل جنرل سيڪريٽري غلامسرور آرائين ۽ نادر چانديوب اڳواڻ بک هڙتالي ڪيمپ تي اچي ملازمن احتجاج جي حمايت ڪئي. ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري ملازم سخت پريشان آهن. پگهارون نه ملڻ ڪري فاقا ڪٽي رهيا آهيون. ڪشن راجا، ساجدعلي تگڙ، نويد علي تگڙ، مولابخش شيخ پگهارون ملڻ تائين احتجاج جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 05

مستوئي، ڪامريڊ فاروق سولنگي، فياض شيخ ۽ ٻين جي ايم سيد چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڪامريڊ مرڪ جان هڪ بهادر ناري هئي ڪين يقين آهي ته هو خودڪشي نٿي ڪري سگهي ۽ ڪامريڊ مرڪ جان جي قتلجي شفاف جاچ ڪرائي سندس ناحق خون سان انصاف ڪيو وڃي. سندن وڌيڪ چوڻ هو ته هڪ پاسي ڪامريڊ مرڪ جان کي قتل ڪيو ويو آهي ته ٻئي پاسي ڪامريڊ هاشم لغاري کي ڪيتري عرصي کان گرفتار ڪري گم ڪيو ويو آهي جنهن جي پڻ آزادي جو مطالبو ڪيون ٿا. سندن چوڻ هو ته جلد کان جلد جسقم ناري اڳواڻ ڪامريڊ مرڪ جان جي ناحق خون سان انصاف ۽ ڪامريڊ هاشم لغاري کي آزاد ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ جسقم سڄي سنڌ ۾ شٽر بند هڙتال جو اعلان ڪندي.

بقايا سنڌيار 06

ڊپارٽمينٽ جي زير زمين عمارتن جو ڪم ڏير سان جاري آهي. انهن عمارتن جي تعمير ۽ مرمت جا ٺيڪا من پسند ٺيڪيدارن کي ڏنا ويا هئا. اهي اسڪول ڊاهڻ کان پوءِ غائب آهن ۽ انهن عمارتن جي اڏاوت جو پيڙهه جو پٿر به نه رکيو ويو آهي. ڳوٺ ميوخان ۾ هڪ اسڪول جي عمارت آهي جنهن کي ٺيڪيدار ڊاهي پٽ ڪيو پر ان ڏينهن کان وٺي غائب آهي ۽ عمارت جو ملبو به هٽايو ناهي ويو ۽ هن اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد کليل آسمان هيٺ پڙهڻ تي مجبور آهن. علائقي واسين جي شڪايتن باوجود ضلعي انتظاميا ۽ اسڪول ايجوڪيشن ورڪس کاتي ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي. هوڏانهن عبرت پاران رابطو ڪرڻ تي انتظاميا ان حوالي سان ڪو به موقف ڏيڻ کان انڪار ڪيو وين جنهن تي سياسي، سماجي ۽ عوامي حلقن پاران ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 07

ڪري زندگي بچائڻ لاءِ ايجان تائين ڪير به اڳتي اچي ناهي سگهيو. ڇاتي جي ڪينسر ۾ مبتلا ٽي بستري پيڙي ٿيل بيرسن عورت جمال خاتون جو پورهيت مڙس صالح محمد حيدري فقير گاڏي تي وڻ بوٽا کپائي مشڪل سان پيٽ گذر ڪري ٿو. جنهن وٽ اينتري رقم ناهي جو هو پنهنجي گهرواري جو بهتر علاج ڪرائي سگهي. ڇاتي جي خطرناڪ ڪينسر واري بيماري ۾ مبتلا ضعيف العمر ٻڍڙي جمال خاتون نگران وزير اعليٰ سنڌ جسٽس مقبول باقر، صحت کاتي جي صوبائي وزير، سابق ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري، سابق ايم پي اي جام اويس گهرام جوکهو گهارو ٽائون جي چيئرمين جام احسان جوکهو سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته سندس علاج ۾ مدد ڪري سندس زندگي بچائي وڃي.

بقايا سنڌيار 08

